چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) ٽئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي ...

دنيا ڀر جي سنڌين کي پيار ڀريا پرڻام

Lal Hardasani

Lal's Insurance Brokers Limited



Your Reliable Insurance Connection

5/F, Wah Yuen Building, 149, Queen's Road, Central, G.P.O. Box. 9991, Hong Kong.
Fax No. 2851 7061 • Tel Nos. 2850 5666 / 2850 6555 / 2850 4333
E-mail address: admin@lals-insurance.com

PIBA A Member of Professional Insurance Brokers Association Limited.

With Best Compliments from :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون



SAI BABA

BUILDING MATERIAL SUPPLIERS



Poonam Hsg. Society,
Opp. Ulhasnagar Municipal Corporation,
Ulhasnagar.

سنياسي

(اصلوڪو ناول)

گوپ گولاڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

۹۰, لڪشمي مارڪيٽ, اُلهاسنگر - ۴۲۱۰۰۳

ڪتاب بابت

اٽڪل ٽيهارو سال اڳ، جبلپور مان ٽماهي رسالو ”نئين ندگي“ نڪرڻ شروع ٿيو هو. ان زماني ۾ ماهوار ”ڪونج“ نئين دنيا“ ۽ ڪي ٻيا ادبي رسالا نڪرندا هئا. پر ”نئين ندگيءَ“ جو رسالو پنهنجي رنگ ڍنگ جو هوندو هو. هي ڇپائي رنگن جي هوندي هئي. ان جي وچ ۾ ڪجهه ڪارٽون يا ڊيون ننڍيون ڪوتائون پڻ ڏنيون وينديون هيون. جي ڙهندڙن جو نه فقط ڌيان ڇڪائينديون هيون بلڪ پڙهڻ لاءِ اهه پڻ پئدا ڪنديون هيون. رسالي جو سمپادڪ هو سرڳواسي ڊا ڪرشڻ گرناڻي. جو جبلپور جي ايڊيوڪيشن ڪاليج ۾ ڙهائيندو هو. سندس ساٿين ۾ هڪ نالو گوپ گولاڻي به هو. ي جوان اتي بئنڪ ۾ نوڪري ڪندو هو. اتساهي هو، سندس ڪجهه رچنائون ڪڏهن ان رسالي ”نئين زندگي“ ۾ ايندييون هيون.

ڇهه سال گذري ويا اهو رسالو بند ٿي ويو ۽ پروفيسر راڌا رشڻ گرناڻي به گذاري ويو. گوپ گولاڻيءَ جون ڪي رچنائون ن شهرن مان نڪرندڙ رسالو رچنا، ڪونج ۾ اچڻ لڳيون. هن ڪ ناول به لکيو جو اصل ۾ سندس لکيل ڪهاڻي جو وڌايل پ هو.

هن اهو ناول مونکي ”سنڌي ٽائيمس“ طرفان ڇپائڻ موڪليو. مون ناول پڙهيو، پڙهندي لڳو ته ناول ڪٿي مون ڙهيو آهي. گوپ ٻڌايو ته هن اول اها آڪاڻي لکي هئي جا

SANYASI

(An Original Novel)

By : Gope Golani

SINDHI TIMES PUBLICATION
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar - 421003.
Tel. : 0251 - 2564000

Published By :
Suresh Paryani
for
The Sindhi Times Publication

Printed By :
Vishal Enterprises
Ulhasnagar - 421004.
Tel. : 9890274470

Cover Design by :
Prof. Lachhman Hardwani

Sole Agent :
Jagdish Book Depot
Main Bazar
Ulhasnagar 421002.
Tel. : 0251 - 2700455

Price : Rs. One Hundred

Edition : January 2011

Authors Address :
Plot No. FH-202,
Scheme No. 54, Vijaynagar
Indore (M.P) 452010

فهرست

Published with partial
financial Assitance from
Indus Ind Foundation,
New Delhi.

ليکڪ وٽان

هن سنسار جو هرڪو جيوُ سچو سک پائڻ لاءِ سچي جيون هڻ پٽ ڪندو رهي ٿو، ليکن هوُ وشئي سک کي ئي سچو سک سمجهي پنهنجي اصلي منزل پلجي وڃي ٿو ۽ ان طرح سوين جنم گذري وڃن ٿا. هزارن ۾ ڪو هڪڙو اهڙو هوندو جو وشئي سکن کان مٿي چڙهي سچ کي پائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي ئي نوجوان جي آهي جنهن جي من ۾ سچ کي سمجهڻ جي آندمانڊ آهي، جو پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڇڏي، پنهنجي پد ۽ نوڪريءَ کي نوڪر هٽي، پنهنجي نيڪي ۽ ناموس کي ڦٽو ڪري ۽ پنهنجي پيار کي قربان ڪري سچ جي تلاش ۾ نڪري پوي ٿو ۽ نيٺ سچ جو مشاهدو ماڻي ٿو.

هيءَ ڪهاڻي لکڻ جي مون کي پريرڻا تڏهن ملي جڏهن مان چنميه مشن جي هڪ برهمچاريءَ سان گڏيس. پنجويهن سالن جو بلڪل ئي ڳڀرو جوان، ماءُ پيءُ جو هڪڙوئي پٽ، آءِ آءِ ٽيءَ مان بي ٽيڪ پاس ڪيل. منهنجو من اهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه ٿي ٿيو ته ڪو سندس ماءُ پيءُ کيس سنياسي بڻجڻ لاءِ خوشان خوشيءَ موڪل ڏني هوندي. ۽ هڪ بي ڳالهه جا ور ور ڪري مون کي ستائي رهي هئي سا اِها ته سچ کي پائڻ لاءِ ڇاهن طرح دنيا ڇڏي سنياسي ٿيڻ ضروري هو؟

قضا سان برهمچاريءَ جي ماءُ پيءُ سان ملاقات ٿي وئي. هوُ بيحد ئي سنتوشي سڀاوَ جا ٿي لڳا. پٽ کان وڇڙجڻ جو شروعاتي شوڪ بلڪل ئي وساري چڪا هئا ۽ هاڻي پنهنجي پٽ جي ان فيصلي لاءِ کين بيحد ناز هو. اِهو ڄاڻي مان ته بلڪل ئي دنگ رهجي ويس. بيءَ شنڪا لاءِ برهمچاريءَ خود سمجهايو ته سچ کي ڄاڻڻ لاءِ سنياسي بڻجڻ بلڪل ضروري ناهي. هڪ شهر کان ٻي شهر پهچڻ لاءِ ڪوئي بيل گاڏيءَ ۾،

ڇپي بہ آهي. پوءِ ان کي وڏائي ناول جي صورت ۾ آندو آهي

ناول مونکي وڻيو، مون ڇپائڻ چاهيو. ڪهاڻي جو مکي

پاتر ماءُ پيءُ جو سڪيلڌو پٽ آهي. اوچ تعليم حاصل ڪيل

آهي. سٺي نوڪري ۾ آهي. مائٽن جو آڌار سهارو آهي

سنياسي ٿيڻ چاهي ٿو ۽ سنياسي ٿئي ٿو. ڪهاڻي دلچسپ ۽

دلچسپي قائم رکندڙ آهي.

هاڻ اهو ناول توهانجي هٿن ۾ آهي، پاڻ رايو ڏيو.

شري گوپ جي ٻولي بہ سٺي آهي تہ سلسلو بہ سٺو آهي.

منجهس مونکي تہ وڏيون اُميدون آهن. هون بہ سنڌيءَ ۾ ناول

ٿورا آهن. هي انهن ٿورن ناولن ۾ سٺي جڳهہ والاري ٿو. اهو

منهنجو رايو آهي ۽ بس.

نارايڻ ڀارتي

ڀهرين آڪٽوبر 2010
سنڌي ٽائيمس آفيس
الهاسنگر - ٣
فون - 2564000 (0251)

ارپڻ

سرڳواسي پروفيسر راڌا ڪرشن گرناڻيءَ کي

ڪوئي بس ۾، ڪوئي ٽرين ۾ ۽ ڪوئي هوائي جهاز رستي پهچي سگهي ٿو. ڪير ڪهڙو رستو اختيار ڪندو، اِهو مدار رکي ٿو هرڪنهن جي سرمايي تي. جنهن جيترو سنسڪارن جو سرمايو ڪنو ڪيو هوندو اُهو اُنهيءَ رستي ياترا ڪندو. سنياسي بڻجڻ هوائي جهاز جي ياترا آهي.

انهن سيني حقيقتن کي ڌيان ۾ رکي ۽ ڪجهه ڪلپنا جو سهارو وٺي مون هي ناول لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن ته هيءَ منهنجي پهرين ڪوشش آهي، ممڪن آهي ته ان ۾ ڪيتريون ئي خاميون رهجي ويون هجن، جن کي نظرانداز ڪري پاٺڪ مون کي ڪميا ڪندا. باقي ايترو سو ضرور چوڻ چاهيندس ته هن ناول ذريعي مون ڪا به سکيا ڏيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي نه ئي ڪو اهڙو ارادو آهي. بس، ڪجهه ڪالپنڪ گهٽنائن کي پاڻ ۾ جوڙي مون هي ناول لکيو آهي. ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان ان جو پاٺڪ ئي فيصلو ڪندا.

مان ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ جو بيحد شڪرگذار آهيان جنهن هن ناول کي ڇپڻ ۾ ذرو به هچڪ نه ڏيکاري. هرڪنهن کي ڄاڻ آهي ته هي صاحب نون ليکڪن کي ڪيترو نه همٿائيدو آهي.

مان ڀاءُ پروفيسر لڇمڻ هردواڻيءَ جو به تهدل شڪرگذار آهيان جنهن نه رڳو هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي، پر مون کي هي ڪتاب ڇپائڻ لاءِ به اُتساهه ڏياريو آهي ۽ ڪتاب کي سڌارڻ لاءِ ڪجهه صلاحون پڻ ڏنيون آهن. نه صرف ايترو، هن صاحب ناول جو ڪور پيج پڻ ڊزائين ڪري ڏنو. ۽ آخر ۾ اِهو چوڻ به لازمي آهي ته مون کي ادب جي دنيا ۾ آڻڻ وارو ۽ همٿائڻ وارو هو سداحيات شري راڌاڪرشڻ گرناڻي، جنهن جي چرنن ۾ هيءَ ننڍي سوکڙي ارپڻ ڪئي اٿم.

گوپ گولاڻي
(انڊور)

مُهاڳ

پروفيسر لڇمڻ هردواڻي

'اليڪٽرانڪس ميڊيا' جي بول بالا هوندڙ مؤجوده
شينيءَ يُگ ۾ منش جي زندگيءَ مٿان هاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو
ور وڌي رهيو آهي. سک، آرام ۽ دِل وندرائڻ جي سستن ساڌنن
ان بازاريون سٿيون پيئون آهن. سستو سکہ سنسڪرتي بڻجي رهيو
آهي. سوچُ سُسي رهيو آهي. 'ڪليل' ويچارن سان دشمني ڪرڻ
عنيٰ نوڪَشاهيءَ کي نيند ڏيڻ تي پيو آهي. زندگيءَ جا اوُچ قدر
ستي اگهہ ۾ بہ ڪوئي ونڻ لاءِ تيار ناهي. تهذيب يافتہ بڻجڻ
دران نيتيءَ کي نڌڪو بڻائي ناٿو ۽ نالو ڪمائڻ جي چتاپيتي
ٽنديءَ تي آهي. جڻ پئسو ڪمائڻ ئي زندگيءَ جو آخرين ملهہ
ڻجي پيو آهي. لوڪپريہ ساهتيہ جي جاءِ هاڻي ٽيليوزن ونئي
ڇڏي آهي. ان ماڌيم کان جند ڇڏائي سگهڻ ناممڪن تي پيو
آهي. موبائيل ۽ انٽرنيٽ جي سنسڪرتيءَ سهنجن سان گڏ سوين
هنج بہ آڻي ڇڏيا آهن. اهڙي اٽانگي ۽ عجيب وقت ۾ روزاني
ندگيءَ ۾ ساهتيہ (ادب) جو وهنوارڪ اُپيوگ لڳ ڀڳ نہ جي برابر
عئڻ ڪري فرد يا سماج کي بهترين بڻائڻ جي طاقت رکندڙ
اهتيہ صرف شخصي طور پڙهڻ جي شيءَ بڻجي ويو آهي.
نهنڪري ٽي.وي.ءَ يا فلمن وغيره جي ڀيٽ ۾ ساهت طرف
عام يا خاص ماڻهن جو لاڙو هڪ سيڪڙو بہ ناهي. جنهن جي ڪري
ٻانڪن جي سنکيا گهٽجي رهي آهي. ڀارتيہ سماج لاءِ وڌي ۾ وڌو
سنڪٽ اهو آهي تہ اوچ وچولو طبقو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ساهت کان

مرپڻ ڪيل هڪ اهڙو بزرگ ڪهاڻيڪار آهي، جنهن مؤجوده
اهتڪ راڄنيتيءَ ڪان پري رهي ڪجهه سنيون ڪهاڻيون لکيون
هن. سنڌي ساهت جي کيتر ۾ ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندڙ
بدورنواسي گوپ گولاڻي صاحب جي ساهت - سرجڻ جو ڪئنواس
کو وڏو ڪونهي. مگر جيڪو لکيو اٿس، سو ايمانداريءَ سان،
بدرين پريرڻا سان ۽ صاف سٿرو. (سندس هڪ ڪهاڻيءَ ڪان متاثر
يمون ان جو ترجمو مرهٽيءَ ۾ به ڪيو هو.) اُهوئي اُهو وشيه
ڻي پاڻکن اڳيان پروسڻ بدران ڪجهه نئون ۽ تازو ڏيڻ جي
ندروني اڇا گولاڻي صاحب جي ڪهاڻين جي خاص خاصيت
هي، سا به صاف سٿري شئلي ۽ نج سنڌي ڀاشا ۾، جيڪو عام
رتيه سنڌي پڻ پڇائي سگهي. سندس جيون درشٽي ئي سندس
ڪهاڻين ۾ (۽ هن ناول ۾ پڻ) ظاهر ٿي آهي، جا سندس سماجڪ
ريويش جي ئي پيدائش آهي. ڪا ڳالهه مختصر ۽ سؤلي نموني
ڻ ان نظرئي جو هڪ گڻ آهي.

ناول جو بنياد هوندو آهي سندس پلاٽ، ڪٿانڪ يا آکاڻي.
ن لحاظ کان 'سنياسي' ناول صاف سٿرو ۽ دلڪش بڻجي پيو
هي، جنهن ۾ رواني آهي. پاٺڪ پڙهڻ لاءِ وهندو ته هڪ ئي
ٺڪ ۾ ناول پورو پڙهي ڪڍندو. جيون جي قدرن مان واسطيدار
وندڙ هن منووگيانڪ، سماجڪ ۽يٿارٿوادي ناول جي نائڪ ۽ ٻين
ڪردارن جي ڪردارنگاري واڪاڻ جهڙي آهي. ناول ۾ آدرشواد
ڻ آهي. 'سنياسي' يٿارٿ وادي آدرش واد جو هڪ مثال مڃي
گهجي ٿو.

ڪنهن ناول جي ڪاميابي، لوڪ پريه بڻجڻ يا سندس
هانتا جو آڌارصرف سندس آڪار نٿو ٿي سگهي. يعني مهان ناول
ڻجڻ لاءِ اُن جو وڏي آڪار وارو، چار پنج سؤ پيجن وارو هئڻ

دوُر ٿيندو پيو وڃي. سنڌي سماج جي حالت ته وڌيڪ قياس
جوڳي بڻجي پيئي آهي.
سنڌي ٻولي ۽ ساهت لاءِ عام ۽ خاص ماڻهن جي دلچسپي
ڪشش، پيار ۽ نشنا الوداع ڪرڻ جي تياري ڪري رهي آهي
پانڪ پري پڇي ويا آهن. صرف ڪهاڻي ۽ ڪوينا لکڻ جي ’فئشن
واري ماحول ۾ ’سڦل‘ سيمينارن ۽ ’مؤج‘ مچائيندڙ مهانگين
محفلن جي باوجود سنڌي ساهت سريتا سڪي رهي آهي. صرف
سيمينارن جي سڏ لاءِ سنڌرو ٻڌي بيٺل ساهت - سوڊل سنڌي ساهت
سونائڻ ڪان پري سرندا پيا وڃن، متان نه ڪٿي سُرٽو ٿي پوي
پاڙون چڱيون ڪٽي ڇڏيل ’بونساءِ‘ بڻجي ويل سنڌي ساهت عام
سنڌي جنتا سان ناتو توڙي ڇڏيو آهي. سنڌي ڪتابن جي
مارڪيٽنگ جي ڳالهه ته ڇڏيو پر سنڌيءَ کي ڪوئي’ ’مارڪ‘
ڪرڻ لاءِ به تيار ناهي! سنڌي ساهتڪار جڻ ’سڪٽو‘ بڻجي پيو آهي
جنهنجي نظر ’دهليءَ‘ ڏانهن آهي! قدرت يا نصيب هڪ سوال
پيدا ڪري ڇڏيو آهي ته آخر سنڌي ساهتڪار ڪيئن لکي،
ڪنهنجي لاءِ لکي ۽ ڇو لکي؟ اهڙي پوليوُشن سان ڀريل ماحول ۾
سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول لکڻ ڏاڍو ڪٺن ڪم آهي. خاص ڪري
انگريزي ۽ انگريزيت جي آڪرشڻ (ڪشش) واري دؤر ۾.
اڄ ڀارت جي سنڌي ساهت مان جڏهن سنو ناول ندارد ٿيڻ
جي شڪي حالت ۾ اچي پهتو آهي، تڏهن شري گوپ گولاڻيءَ
جو هيءُ پهريون ئي ناول هڪ آشا جو ڪرڻو ڏيکاري رهيو آهي -
ريگستان ۾ دوُر ڪان نظر ايندڙ ’اوئيسس‘ جيان!
سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيه سان اٿاهه پريم ڪندڙ ۽ پنهنجي ماتر
ڀاشا ۾ ساهت - سرجڻ ڪرڻ جي ڪامنا ڪندڙ شري گوپ
گولاڻي صاحب سنويدن شيل ۽ رچناتمڪ ڪاريه ۾ نشنا سان ڀاڻ

”گايتري“

ڪهڙي ماتا نه چاهيندي ته سندس پٽ وڏي ويجهي ۽
رقيءَ جي چار منار تي پهچي، پنهنجو، پنهنجي مائٽن جو ۽
نهنجي ڪل جو نالو روشن ڪري! ڪهڙي ماتا نه چاهيندي ته
ندس هوئنهار پٽ وڏو ٿي گهر ۾ ونڙي آڻي، جنهن سان ڪٽنب
جو وڪاس ٿئيءَ ونش جو رٿ بي رڪاوٽ هلندو رهي! ڪهڙي ماتا
ه چاهيندي ته گهر ۾ گل هجن، بهار هجي، اڱڻ ۾ ننڍڙا ٻارڙا
وڙن ڊڪن ۽ ڦيريون پائن ۽ پنهنجي طوطلي زبان ۾ ڪلوليون
ڪري هرڪنهن کي ڪلائن! هرڪا ماتا اهوئي چاهيندي ته سندس
هر سرڳ سمان هجي، جتي سدائين خوشين جو چنڊ چمڪندو
هي، جتي هڪ پيرو به دکن جي اُماس نه اچي!

مان به هڪ ساڌارڻ استري آهيان ۽ پڻ ساڌارڻ ماءُ به
هيان. مون به هميشه اهو ئي چاهيو هو ته منهنجو اُديه وڏو ٿي
ڪ نامور انسان بڻجي ۽ هڪ ڏينهن ڪنهن چوڏس جي چنڊ جيان
چمڪندڙ سندر ۽ سوپياوان راجڪماريءَ سان لائون لهي منهنجي
هر اچي منهنجي ورهين جي سانديل منوڪامنا کي پورڻ ڪري!
ن سهڻي سپني کي ڏسندي ڏسندي، جو مون ڪاٿ جيڏا ورهيه
ڪاٽيا هئا، سي شل برثواب ٿين ۽ اکين جي سامهون ان سونهري
سپني کي ساڪار ٿيندو ڏسي دل خوشيءَ مان جهومڻ لڳي! مون
چاهيو ٿي ته منهنجيءَ خوشنما دنيا کي ڏسي پاڙي وارا ريس
ڪن ۽ جتي ڪٿي اسان جي ناموس جو نغارو وڄندو رهي!

ضروري ناهي. ان ڪري ’سنياسي‘ آڪار ۾ ننڍو هوندي بہ وڏندڙ
ناول آهي. ڪنهن وقت ۾ ’سڄام سقلام‘ هوندڙ مگر اڄ سوڪ
ڏانهن سرندڙ سنڌي ساهت جي زمين ۾ چاهي ’هيري پاٽر‘ جهڙن
لوڪ پريہ ناولن يا ٻين ’بيسٽ سيلر‘، ’بلاڪ بسٽر‘ ڪتابن جي
اسرڻ جا ٻج ڪونہ ڇٽيا ويا آهن ۽ چاهي گهڻن ئي سنڌي
ساهتڪارن سنڌيءَ کان طلاق وٺي ڇڏيو آهي يا سنياس اختيار ڪيو
آهي، تڏهن بہ شري گوپ گولاڻيءَ صاحب جو هيءُ ننڍو ناول هڪ
يادگار ۽ پريرڻادائڪ ناول ثابت ٿيڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي.
۽ اها پڻ آشا ڪري سگهجي ٿي تہ گولاڻي صاحب ’ساهت -
سنياس‘ ڪونہ وٺندو؛ سنڌس انتر جڳت ۾ وينل سنويدن شيل
ساهتڪار جو اندروني چنتن ۽ سرجن ڌرم ڪيس ٻاهرين اظهار جي
پريرڻا ڏيندو رهندو ۽ هوُ ساهتيہ کي انيڪ ’اوئيسس‘ عطا ڪندو
رهندو.

وديشي ڀاشا جو ڀاڱ وجهڻ کان سواءِ ئي هڪ خوبصورت ناول
جو فصل لڻڻ لاءِ ليکڪ کي منهنجي ڀاران گهڻيون گهڻيون
واڌايون ۽ شڀ ڪامنائون!

پروفيسر لڇمڻ هردواڻي
’ڪويتا‘ پروفيسر ڪالوني
ساويڊي، احمدنگر - (414003).

ي جان ۾! ننڍي هوندي ئي جڏهن گهر جي مندر ۾ اسان سان
ندُ ويهي ننڍڙي گهنٽي وڄائي پنهنجي ٻاتليءَ زبان ۾ ڀڄن
ائيندو هو تہ اسين نہ رڳو خوش ٿيندا هئاسون پر کلي کلي کيرا
ہ ٿي ويندا هئاسون، ۽ کيس چمي ڏيئي پنهنجي خوشيءَ جو
ظهار ڪندا هئاسون. ٿورو وڏو ٿيو تہ وڏن وانگر نت نيم سان پوڄا
ڪرڻ وهندو هو ۽ اسان وانگر اڪيون پوري ڌيان بہ ڪندو هو ۽ ڇپن
ر دبيل پراڻنا پڻ ڪندو هو. اسين سمجهندا هئاسون تہ اڃا ٻار
هي، اسانجو نقل ٿو ڪري. اڃا بہ جڏهن وڏو ٿيو ۽ اسڪول وڃڻ
ڳو تہ اسڪولن جي ناٽڪن ۾ پهلاج ۽ ڌروءَ جا پارٽ ڪرڻ لڳو ۽
يترو ڪاميابيءَ سان ڪندو هو جو هميشه کيس اِهو پارٽ ڪرڻ
۽ انعام ملندا هئا. اسانجو سِر فخر سان اوچو ٿي ويندو هو ۽
ان کيس ڀاڪر پائي ڳلي سان لڳائي چڏيندي هيس.
اُديہ ڪلاس ۾ سڀني ڇوڪرن کان هوشيار هو ۽ هميشه
هريون نمبر اچڻ ڪري کيس مانيٽر بڻايو ويو هو. هو پنهنجي
استرن جي اکين جو تارو بڻجي پيو. اسين جڏهن جڏهن
سڪول ويندا هئاسون تہ ماستر سندس ساراهہ ڪرڻ کانسواءِ رهي
ہ سگهندا هئا. اسين بہ پنهنجيءَ خوشقسمتيءَ تي حيران
ي ويندا هئاسون.
مئٽرڪ جي ٽئين درجن تائين پهچندي پهچندي اُديہ
وامي وويڪانند جا سڀ ڪتاب پڙهي پورا ڪيا. انهن ڪتابن
ڙهڻ سان کيس جو انوکو آزمودو ملندو هو، اُهو اسين سندس
ڪين مان بخوبي محسوس ڪري سگهندا هئاسون. اُديہ جو
هڙي قسم جو لاڙو هڪ ڏينهن کيس سنياس وٺڻ لاءِ مجبور ڪندو،
هو تہ اسان ڪڏهن سپني ۾ بہ ڪونہ سوچيو هو!
خوشيءَ جا ڏينهن ڪيئن تہ تڪڙو گذري ويندا

ليڪن قدرت کي شايد اِهو منظور نہ هو. منهنجي آشائن جو محل ائين ڊهي اچي پٽ پيو جيئن ڪنهن هوا جي هلڪي جهونڪي تي تاس جي پتن جو نهيل محل اچي پٽ پوي! منهنجي قسمت جي چنڊ کي جڻ ڪو گرهڻ لڳي ويو ۽ چؤڌاري نراشا جي تاريڪي پکڙجي ويئي!

ائين برابر آهي تہ اُديہ جي سنياسي بڻجڻ ۾ منهنجي بہ مرضي ورتل هئي، ليڪن مان ان ڪانسواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس؟ هڪ طرف هو ڪوهہ تہ ٻئي پاسي هئي کاهي. منهنجي لاءِ ڪو بہ فيصلو ڪرڻ بيحد مشڪل هو. جيڪڏهن ’ها‘ ٿي ڪيم تہ پنهنجا سونهري سپنا چُور چُور ٿي ٿي ويا، ۽ جيڪڏهن انڪار ٿي ڪيم تہ اُديہ جا ارمان ڪافور ٿي ٿِي ويا. ساڳئي موهہ جنهن مون کي انڪار ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ڪيو، اُن ئي موهہ مون کي ’ها‘ ڪرڻ جي پريرڻا بہ ٿي ڏني. اُديہ ٿورو بہ دکي ٿئي ها، اِهو مان سهي نہ ٿي سگهيس، آخر ماءُ جو هيس. شايد اِهوئي منهنجو قصور آهي يا ڪمزوري آهي تہ مان ماءُ آهيان!

جيڪڏهن نامديو (اُديہ جو پتا) منهنجو ساٿ ڏي ها تہ پوءِ شايد اهڙي ڳالهہ نہ ٿئي ها؛ پوءِ شايد اُديہ جي همت بہ نہ ٿئي ها ائين ڪرڻ جي. ليڪن نامديو ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نہ وني هتان اُديہ جي همت وڌائي ڇڏي!

اُديہ اسانجو اڪيلو سڪيلڌو پٽ آهي. الائي ڪهڙن ڪرمن جي ڦل ڪارڻ اسان کي اُديہ جهڙي سنتان نصيب ٿي هئي. ڄائو تہ هرڪنهن جي منهن مان هاڪ نڪري ويئي . چون : اهڙو تيجسوي ٻار اسان نہ ڏٺو آهي هيل تائين! تيڄ سان گڏ سوپيا ۽ ان سان گڏ شيل، جڻ ٽنهي گڻن جو اچي سنگم ٿيو هو هڪڙي ۽

ج تو چوانءِ، ناٽڪ ڪونہ ٿو ڪريان. اُديہ جي اِهائي اِڇا
هي تہ هي سڀ ڪجهہ ڇڏي وڃي سنياسي بڻجان. اڄ صبوح
و ئي مون سان ڳالهہ ڪئي هئائين.''

مون کي اڃان بہ ناميديو جي اکرن تي وشواس نہ ٿي
يو. مون چيو،''ڇو پيا صبوح صبوح جو مون کي چيڙايو. اُديہ
ا ڇريو آهي جو وڃي سنياسي بڻجندو. هيڏي وڏي نوڪري،
يڏو وڏو مرتبو، ڇا سڀ ڇڏي ڏيندو؟ آءِ آءِ ٽي ڇا سنياسي
ڻجڻ لاءِ پڙهي هئائين؟''

ڏنم تہ منهنجي اوشواس ڪرڻ جو ناميديو مٿان ڪو بہ
ثر ڪونہ ٿيو، هٿائين گنڀير ٿي چيائين، ''تون وٽ موڪل
ڻ اچي تہ تون سمجهائي ڏسجانءِ.''

ناميديو جي هليو وڃڻ ڪانپوءِ مون کي محسوس ٿيو تہ
اميديو سچ چئي رهيو هو. اِهو ويچار ايندي ئي منهنجي پيرن
يٺان جڻ زمين کسڪڻ لڳي. هڪ اوچتو دٻ جي بار هيٺان
ڻ مون پاڻ کي دٻجندو محسوس ڪيو. دل اندر سوال اٿڻ
ا تہ اُديہ ڇا سنياسي بڻجي اسان کي ڇڏي ويندو؟ تہ پوءِ دل
ندر جيڪي سؤ ارمان سانڍي رکيا آهن انهن جو ڇا ٿيندو؟
يڪي سونهري سپنا مان اُديہ جي جنم کان وٺي سجائي رکيا
هي، اُهي ڇا ائين ئي اڌورا رهجي ويندا؟ منهنجي دل
ڪڙو تڪڙو هلڻ لڳي ۽ ائين محسوس ڪرڻ لڳس گويا اڄهو
ي ڪران!

اُها رات مون جنسي جاڳي گذاري. وچ وچ ۾ اکہ لڳي بہ
وندي تہ اُبتا سبتا سپنا ڏسندي رهيس. هڪ سپنو اهڙو بہ ڏٺم
نهن ۾ مان ڪنهن پهاڙ تان پڇندي ٿي وڃان، جنهن جي ٻنهي
سي گهريون کاهيون آهن. مان پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش

آهن! اُديہ ڪيئن ڪاليج پورو ڪري آءِ آءِ ٽيءِ جو ڪورس پورو
ڪري ورتو تنهن جي تہ ڄڻ ڪا سُڌ ئي ڪونہ پئي. نوڪري بہ
ڪيس ڪورس ڪندي ئي ملي ويئي، هڪ سٺي مشهور ڪمپنيءَ
۾، سٺو عهدو ۽ سٺي پگهار!

ماں پنهنجي ڀاوي سنسار جا سپنا ڏسڻ لڳي هئس. نمرتا
بہ اُديہ جي جيون ۾ اچي چڪي هئي ۽ سندس جيون سنگني
بڻجڻ لاءِ تيار هئي. هوءَ اُديہ سان گڏ پڙهندي هئي ۽ ڪيترا
ئي ڀيرا اُديہ سان گڏ يا اڪيلو اسان وٽ آئي هئي. نمرتا هڪ
سٺي ۽ سيبہ ڪُل ماں آهي. رنگ روپ ۾ پنهنجي مٽ پاڻ
آهي. بيحد سشيل ۽ گڻوان ڇوڪري شايد ئي مون ڪٿي ڏٺي
هوندي. مون سوچيو هو تہ ڀڳوان جڏهن پنهنجي ڪرپا ڪري
ٿو تہ اسان جي پراٿنا لاءِ بہ نہ ٿو ترسي! اِها ايشور جي ڪرپا
ئي تہ چئبي جو اُديہ جهڙي سنتان ملي، اُديہ پڙهي پورو ڪيو
۽ تمام سٺيءَ نوڪريءَ ۾ لڳي ويو ۽ ان سان گڏ نمرتا جهڙي
سندر ۽ سشيل ڇوڪري سندس جيون ساٿي بڻجڻ لاءِ سندس
جيون ۾ اچي وئي. مون نہ رڳو پاڻ کي وڏ ڀاڳي ٿي سمجهيو
پر ستين آسمان تي اُڏامڻ لڳي هيس!

اُهو ڏينهن مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي جڏهن نامديو
اچي چيو، ”بڌين ٿي، اُديہ سنياسي بڻجڻ ٿو چاهي! تنهنجي
موڪل کپيس.“

هونءَ بہ نامديو کي مون سان چرچو ڪرڻ جي شروع کان
عادت آهي. منهنجي پريشان ٿيڻ ۾ کيس خوب مزو ايندو
آهي. مون انڪري ڪن لاٿار ڪندي چيو، ”اڄ وري ڪهڙو
ناٽڪ ٿا ڪيو؟“

نامديو پنهنجي سموري سنجيدگي گڏ ڪندي چيو، ”ماں

وقت ترسندا. جڏهن ڪان تون ڍهليءَ مان موٽيو آهين ۽ جڏهن ڪان تون نوڪريءَ تي چڙهيو آهين، تڏهن ڪان هنن جي نند ڦٽي آهي. نمرتا لاءِ رضامندي تہ تو پهريان بہ ڏيکاري هئي، هاڻي تہ صرف 'ها' ڪري رسم ادائي ڪرڻي آهي.''

اُديہ پهرين تہ چپ چاپ ويٺو رهيو، ڪجهہ دير ڪانپوءِ پاڻ ئي چيائين ، ''ممي تون ڪين ٻڌائي ڇڏ تہ مان هاڻي شادي ۽ شاديءَ جي ٻنڌن ۾ جڪڙجڻ نٿو چاهيان.''

''پر بہ ڇو؟ نمرتا ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي؟'' مون پڇيو.

''نہ، اهڙي تہ ڳالهہ ناهي. هوءَ تہ ساڪيات ديوي آهي.''

''تہ پوءِ انڪار ڪرڻ جو سبب؟ اهڙي لڪشمي تہ صرف ڀاڳہ وارن جي گهر ۾ ايندي آهي!''

مون ڏٺو تہ اُديہ وٽ منهنجي دليل لاءِ ڪو بہ جواب ڪونہ هو. هوُ شايد پنهنجي من ۾ ڪجهہ سوچڻ لڳو يا همت ڪٺي ڪرڻ لڳو اُهو ڪجهہ چوڻ لاءِ، جنهنجي چوڻ سان منهنجو هيانو ڇيهون ٿي سگهيو ٿي.

اُديہ بيحد نوڙت سان چيو، ''ممي، مون شادي نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.'' هو وري بہ پنهنجي اصولڪي ڳالهہ جا نامديو ٻڌائي هئي، چئي نہ سگهيو.

''ڇو؟ شادي تہ سماجڪ ٻنڌن آهي ۽ هرڪنهن لاءِ آهي. ڪير ان ڪان منهن موڙي سگهندو؟'' مون چيو.

''تنهنجي ڳالهہ صحيح آهي ممي، ليڪن مون سنياسي ٿيڻ جو پڪو فيصلو ڪيو آهي ۽ انڪري شادي ڪرڻ جو ڪو سوال ئي ڪونہ ٿو اُٿي.'' اُديہ هڪ ئي لخطي ۾ چئي ويو.

جيڪڏهن نامديو اِها ڳالهہ اڳواٽ نہ ٻڌائي هجي ها

ڪريان ٿي. پاڻ بچائيندي بچائيندي هڪڙي وڻ جي هڪ
سنهڙيءَ شاخ ۾ منهنجو هٿ پئجي ويچي ٿو ۽ هيٺ ڪرڻ جي
ڪان چيت قاڙي اُٿي ويهان ٿي. نامديو پرسان سمهيل آهي، هٿ
لڳائي پڇي ٿو. ڇو ڇا ٿيو؟ ليڪن مان پاسو بدلائي سمهي پيس.

آفيس وڃڻ ڪان اڳ اُديہ اچان بہ مونکي پيرين پئجي
ويندو هو جيئن اسڪول ڪاليج وڃڻ وقت ڪندو هو. مون ڪيس
گهٽائي پيرا سمجهايو ۽ منع بہ ڪئي هئي تہ تون هاڻي وڏو ٿي
ويو آهين ، ليڪن ننڍپڻ ڪان پيل عادت سندس جيون جو حصو
بڻجي چڪي هئي ۽ هو چاهيندي بہ ان سنسڪار کي ٽوڙي نہ ٿي
سگهيو. انڪري ٻي ڏينهن صبوح جو آفيس وڃڻ ڪان
اڳہ هو جڏهن مون کي پيرين پوڻ آيو تہ مون سمجهيو تہ اِجهو
تو سنياسي بڻجڻ جي ڳالهہ ڪدي، ليڪن اُديہ اهڙو ڪجهہ بہ نہ
ڪيو ۽ چپ چاپ پيرين پئجي هلي ويو. مون سامت جو ساه
ڪنيون، شايد آپدا جنهنجو نامديو ذڪر ڪيو هو، سا ٽري وئي
اهڙي طرح هفتو ڪن گذري ويو، نہ اُديہ ڪجهہ چيو نہ وري نامديو
ئي مون ڪان ڪجهہ ورجايو يا ڪا اوڪہ ٻوڪہ ڪئي.

در اصل هيءَ خاموشي ايندڙ پينڪر طوفان ڪان اڳہ واري
خاموشي هئي، جنهنجو انداز لڳائڻ اُن وقت ممڪن نہ هو
مان پنهنجي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳي هيس تہ آپدا ٽري ويئي.
ليڪن اهو منهنجو ڀرم هو.

هڪ ڏينهن آفيس وڃڻ ڪان اڳہ ٽيبل تي ناشتو ڪندي
ڪندي اُديہ چيو، ” ممي، تون نمرتا جي مائٽن کي ڪجهہ بہ نہ
چئين تہ سنو.“

مون چيو، ”مان ڪٿي ٿي چوان، هوُ تہ خود ئي اچي
منهنجي پنيان پيا آهن. پلا هوُ بہ تہ ڇوڪريءَ وارا آهن، ڪيترو

يو تہ سنسار ڇڏي وڃي سنياسي بڻجي. ڌرم ڪرم وارا ماڻهو
ا سنسار ۾ ڪونہ ڻا رهن يا شادي ڪونہ ڻا ڪن؟

اِها تہ اُديہ جي اڇا شروعات هئي. سنسار ۾ هُن اڃا
نو ئي ڇا هو؟ ڪيڏو نہ پڙهائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو هئائين، نہ
ند جي پرواهہ، نہ ڪاڌي جو فڪر. ڏينهن رات هڪ ڪري پڙهيو
ئائين، تڏهن مس وڃي آءِ آءِ ٽي پاس ڪئي هئائين. ۽ هاڻي
ڏهن ڪيس پنهنجي محنت جو ڦل ملڻ شروع ٿيو هو تہ
وي ٿو سنياسي ٿو بڻجان! هي ڪٿان جو نياءُ آهي؟

ليڪن مان ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس؟ ٻئي پيءُ پٽ
ٿ تي بيٺا ۽ مون کي نہ چاهيندي بہ دل تي وڏو پٿر رکي
ضامند ٿيڻو پيو! ۽ منهنجي ارمانن جي دنيا اجڙ ٿي ويئي.

ته مان شايد بجليءَ جي شاڪ جيان زمين تي ڪري پوان ها
مون ڇيو، ”ڇا نمرتا کان پڇيو اٿيئي؟“

”نمرتا کي مان پاڻئي سمجهائيندس.“، اُديه چيو.

”ليڪن تون جيڪو فيصلو ڪندين، ان ۾ اسان جو ڇ
ڪوئي واسطو ڪونهي؟ اسين ڇا بي مطلب آهيون؟“، مون ڏڪاڻي
آواز ۾ ڪائنس پڇيو.

اُديه کي هونءَ به ڪاوڙ غصو ته ڪڏهن ايندو ناهي. هرڪ
ڳالهه ڌيرج سان ۽ پنهنجن دليلن سان سمجهائڻ جي ڪوشش
ڪندو آهي. مون کي هيئن صبر وڃائيندو ڏسي اُديه چيو، ”ممي،
مان مڃان ٿو ته ماءُ پيءَ کي حق آهن ۽ ساڳيءَ طرح سنتان مٿان
به ڪي لازمي فرض آهن، جي سنتان کي اوس پورا ڪرڻ گهرجن،
ليڪن جتي سنتان جي اڏياتمڪ اُنتيءَ جي ڳالهه جو واسطو
آهي، اُتي ماءُ پيءُ لاءِ به ڪي فرض پيدا ٿي ويندا آهن.“

مون وٽ اُديه جي دليلن واسطي ڪو به جواب ڪونه هو.
ان هوندي به مون ٽال مٽول وارو جواب ڏيندي چيو، ”اِهي ڌرم
۽ اڏياتم جون ڳالهيون مون کي نه ٻڌاءِ، مان ماتا آهيان ۽ مون
کي ماتا ئي رهڻ ڏي.“ ائين چئي مان ٽيبل تان اُٿي پنهنجي
ڪمري ۾ هلي ويس ۽ اِهو ڄاڻڻ جي به ڪوشش نه ڪئي ته اُديه
چانهه پيتي يا نه.

اُديه ته سڌو آفيس هليو ويو، ليڪن مان سڄو ڏينهن
ڦٿڪندي رهيس. نامديو ته اڳ ئي گهران نڪري چڪو هو،
انڪري هن دکدائي خبر جو وارُ مون کي اڪيلي ئي سهڻو پيو.
مون کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته اُديه کي آخر ٿي ڇا ويو هو؟
منڍ کان وٺي ڌارمڪ سڀاوَ جو آهي، ليڪن ان جو اهو مطلب

سوچي ڪائنس سوال ڪيو، ”ڇو، نمرتا سان ڪو جهڳڙو ڪيو
اٿيئي ڇا؟“

اُدي جڏهن به ڪا ڳالهه ڪندو آهي ته تڪي توري ڪندو آهي. هوُ جڏهن به ڪو فيصلو ڪندو آهي ته ان لاءِ ڪافي تياري به ڪري رکندو آهي. منهنجي اِن سوال تي هوُ پل پر لاءِ به نه منجهيو، جڻ ته اڳي ئي سوچي رکيو هئائين. جواب ڏيڻ بجاءِ هن سوال ڪيو، ”جڏهن گوتم ٻڌ پنهنجي سوپياوان ۽ گڻوان استريءَ کي ۽ پنهنجي نئين ڄاول ٻار کي ڇڏي وڃي سنياسي بڻيو ته ان جو ڇا ڪوئي دنيوي ڪارڻ هو؟ پنهنجي راڄائي، عيش ۽ آرام جي زندگي ڇڏي وڃي جهنگلن ۽ ٻنن ۾ رهيو، ان جو به ڇا ڪوئي دنيوي ڪارڻ هو؟ يا سنسار جي ڪا چوٽ لڳي هئس يا ڪنهن شيءِ جي ڪا ڪمي هيس جو وڃي سنياسي بڻيو؟ هن ته ماءُ پيءُ کان به آگيا ڪونه گهري هئي، نه پنهنجي استريءَ کان. مان ته وري به ماءُ پيءُ کان آگيا گهري پوءِ ئي سنياس ڌارڻ ڪندس.“

مان سندس چمڪندڙ اکين ۾ نهاريندو رهيس ڇو ته سندس سوال جو مون وٽ ڪو جواب ڪونه هو. ان ڏينهن مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو ته اُدي هن ننڍيءَ عمر ۾ به ڪيترو نه ڌيرجوان ۽ تيجسوي بڻجي چڪو هو. ان وقت مون کي ياد اچي ويو ته ڪجهه ڏينهن اڳ آفيس مان موٽندي اُدي هڪ ڀينڪر حادثي جو شڪار ٿيندي ٿيندي بچي ويو هو ۽ جڏهن گهر اچي ان حادثي جي ڳالهه ڪئي هئائين تڏهن ائين ڇيو هئائين ته جيون ته جڻ گلاب جي پنکڙيءَ تي هڪ چمڪندڙ ماڪ جي بوند وانگر آهي، جا ڪڏهن به هوا جي هڪ هلڪي جهونڪي لڳڻ سان زمين تي ڪري مٽيءَ سان ملي سگهي

”نامديو - ا“

سنسار کي ڇڏي ڪوئي سنياسي بڻبو آهي تہ ان لا
طرح طرح جون ڏارڻائون بڻجنديون آهن ۽ قسمين قسمين ج
انومان لڳايا ويندا آهن. عام طرح هن جي سنياسي بڻجڻ ج
مکيہ ڪارڻ اهوئي سمجهيو ويندو آهي تہ هو سنسار ج
اکيچار دک نہ سهي سگهيو هوندو. يا تہ پنهنجن مان ئي
ڪنهن دغا ڪئي هوندس. يا تہ پنهنجي ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾
ڪتي ڪو وڏو نقصان پيو هوندس، جنهن ڪان دل شڪستو ٿي
وڃي سنياسي بڻيو هوندو، يا ڪنهن کي سندس پٽن پوٽن
ڇڏي ڏنو هوندو، جنهن ڪري دنيا مان دل ڪٽي ٿي پوڻ سبب
وڃي سنياسي بڻيو هوندو، يا من کي ڪا گهري چوٽ لڳي
هوندس، جنهن کي برداشت نہ ڪري سگهيو هوندو ۽ وڃي
سنياسي بڻيو هوندو. پر جي سنياسي بڻجڻ وارو ڪو نوجوان
سگهڙ مڙس هوندو تہ ان لاءِ ائين چيو ويندو آهي تہ پڪ ئي
پڪ پيار ۾ دوکو مليو هوندس، نہ تہ سنياسي ڇو وڃي بڻجي
ها؟ ليڪن اُديہ سان اهڙي ڪابہ ڳالهہ لاڳو نہ هئي.

اُديہ جو ننڍپڻ کان ئي اڌياتم طرف لاڙو هو، جنهن ڪري
هو ويدانت جا ڪتاب ئي پڙهندو رهندو هو. اِها ڄاڻ تہ مونکي هئي
ليڪن ان ڪري هوُ سنسار ڇڏي وڃي سنياسي بڻبو، اِهو امڪان
تہ مون لاءِ سوچڻ بہ محال هو. انڪري پهريون ڀيرو جڏهن هن
اهڙي قسم جي اڇا ظاهر ڪئي تہ مون بہ عام ماڻهن وانگر

ٽيو ويندو آهي. ڪجهه وقت کان اُديه اوڏانهن نيم سان
يندو رهندو آهي ۽ سواميءَ جو پروچن ٻڌندو رهندو آهي. اها
ونکي ڄاڻ هئي ڇو تہ مان بہ ڪڏهن ڪڏهن سميہ بچائي
شرم ۾ سوامي جيءَ سان ملي ايندو آهيان.

مون گفتگوءَ جو سلسلو جاري رکندي چيو، ”مون بہ
واميجيءَ کان پروچن ۾ اِهو چوندي ٻڌو آهي تہ هر منش مٿان
نج قرض چڙهيل تين تا، ۽ جيسيتائين اِهي پنجئي قرض چڪتا
تيا آهن، تيسيتائين هو سنياس آشرم ۾ پير بہ نٿو رکي
گهي.“

اُديہ خود ئي اِن ڳالهہ کي سمجهائيندي چيو، ”اِهو سچ
هي تہ اسان هرهڪ مٿان پنج قرض چڙهيل آهن، جن کي لاهڻ
سانجو فرض آهي. اُهي آهن - ماءُ پيءُ جو قرض جن جنم ڏنو،
روءَ جو قرض جنهن شڪشا ڏني، ديوتائن جو قرض جن اسان لاءِ
درتي نعمتون پيدا ڪيون آهن، پترن جو قرض جن جي ونش ۾
نم تيو آهي ۽ رشيقرض جن اسان کي ڌارمڪ گرنٿ ڏنا آهن.
سان اُنهن سيني جا قرضي آهيون. ٻيا سڀ قرض تہ سنياس وٺڻ
ن پوءِ بہ لاهي سگهجن تا ، ليڪن ماتا پتا جو قرض سنياس وٺڻ
ن اڳئي لاهڻ ضروري آهي.“

پنهنجي ئي دليل ۾ ڦاسندو ڏسي، مون اُديہ کان مشڪندي
چيو، ”جيڪڏهن ماتا پتا جو قرض نٿو لاهي سگهجي تہ انهن
ي جيئري هوندي، تون سنياسي بڻجڻ جو خيال بہ ڪيئن تو
ڪري سگهين؟“

اُديہ تہ ان سوال لاءِ ڄڻ اڳ ئي تيار وينو هو. چيائين،
انکري ئي تہ ماتا پتا کان آگيا وٺي ان قرض کي چڪتو
ڪرڻ تو چاهيان. جيڪڏهن لهڻيدار ئي قرض جي معافي ڏي

تي. تڏهن مون بنهه ئي ڪونه سوچيو هو ته ان وقت ان حادثي
جي ڪارڻ اُديه جي من ۾ ڪو ويراڳه جي ورتي زور پڪڙي
چڪي هئي. مون کي چپ چاپ وينو ڏسي اُديه وري چيو.
”اسين هميشهه ڪارڻ(Cause) ۽ ڪاريه (Effect) کي ملائڻ جي
ڪوشش ڪندا آهيون. ڇاڪاڻ ته سنياسي بڻجڻ چاهيان ٿو،
ان ڪري ان جو ڪارڻ هئڻ گهرجي، اهو ڪارڻ هرڪو
پنهنجيءَ پنهنجيءَ سمجهه جي آڌار تي ڪڍڻ چاهيندو
آهي. ڪوئي چوندو سواميءَ جو جادوُ ٿيو اٿس، ڪوئي چوندو
پيار ۾ دوکو مليو هوندس، ڪوئي چوندو ماءُ پيءُ سان نه
پٽيس.الڳه الڳه ويچار آهن، پر مان ٺٺو سمجهان ته ان ۾
ڪوبه هڪ سچو آهي. سچ آهي ته بس اِهو ته مان سچ ڄاڻڻ
چاهيان ٿو.“

مون چيو، ”ان سچ کي ڄاڻڻ لاءِ ڇا اهو بيحد ضروري
آهي ته سنسار جو تياڳه ڪجي؟“

اُديه بنان ڪنهن مونجهه جي چيو، ”سوامي جي چوندا
آهن ته سچ کي ڄاڻڻ جا ڪيئي رستا آهن. ڪرم سان، ڀڳتيءَ
سان، اُپسنا سان ۽ يوگ سان ۽ گيان سان اُن سچ جي پراپتي
ٿي سگهي ٿي. سيئي رستا آخر هڪ هنڌ اچي ملن ٿا. سوال
بس اِهو آهي ته هرڪو پنهنجي سنسڪارن جي پونجيءَ سان
اُهو رستو ٺئه ڪري ٿو. اِهو ائين آهي جيئن هرڪو پنهنجي
کيسي ۾ پيل رقم جي آڌار تي مسافريءَ جو فيصلو ڪندو آهي.
ڪوئي بيل گاڏيءَ ۾ ويندو آهي، ڪوئي بس ۾، ڪوئي ٽرين
۾ ۽ ڪوئي هوائي جهاز ۾.“

جنهن سواميءَ لاءِ اُديه ٻڌايو، سو هتان جي مشن جي
آشرم ۾ پرچارڪ آهي ۽ ويدانت ۾ ڪافي وڏو ودوان ڪري

يو ٻار سانتيڪي سڀاءَ جو هوندو آهي. اِهائي ڳالهه مون اُديہ
۽ پئي سوچي تہ هوُ بہ پاڻ سان گڏ پنهنجي حصي ۾ ڪي
نسڪار ڪٺي آيو آهي جن جي اثر هيٺ هن سنياسي بڻجڻ
و فيصلو ڪري ڇڏيو هو. من ۾ جا سوچ اچي ٿي سا بہ انهن
نسڪارن سبب ۽ ٻڌيءَ ۾ جا ڄاڻ پئدا ٿئي ٿي سا بہ انهن
نسڪارن جي ڪارڻ. جيڪڏهن ائين سچ آهي تہ پوءِ اُديہ
ي ان فيصلي تان هٽائڻ مشڪل تہ ڇا ناممڪن ٿي لڳو.

انڪري اُديہ جڏهن وڏڙن جي سهڪار ڏيڻ جي ڳالهہ
ڪئي تہ مون ڪيس دلجاءِ ڏيندي چيو، ”جيڪڏهن تون سمجهين
و تہ سنياسي بڻجڻ تنهنجي هِتَ ۾ آهي ۽ تنهنجي لاءِ ڪلياڻ
ارو آهي ۽ جيڪڏهن تون ائين سمجهين ٿو تہ ائين ڪرڻ سان
سچ ۽ سدا آنند جي پراپتي ڪري سگهندين، تہ پوءِ تنهنجي اِن
ڪاريہ ۾ تنهنجو پتا ڪڏهن بہ تو لاءِ رنڊڪ نہ ٿي سگهندو.“ مون
ي ڇٽيءَ طرح ياد آهي تہ منهنجي دل ان وقت ڀرجي آئي،
يڪن مان کهڙيءَ بہ طرح پنهنجي ڀاوَ ڪي روڪي ويس ۽ مشڪي
نو. ان مشڪ ۾ سچ پچ منهنجي مرضي سمايل هئي يا منهنجي
يوسيءَ جو اظهار هو، سو چوڻ بيحد مشڪل آهي.

اُديہ اُٿيو ۽ منهنجي پيرن تي پنهنجا ٻئي هٿ رکي
نهنجي تهدل شڪرگذار هئڻ جو ثبوت پيش ڪيو. هن وري
مون طرف مخاطب ٿي چيو، ”مون کي ممي‌ءَ جي ’ها‘ ڪرڻ
جو بيحد خيال آهي. استري تہ سڀاءَ کان ئي موهہ واري ٿيندي
آهي ۽ جيڪڏهن اُها ماتا هجي پوءِ تہ هن جو پنهنجي سنتان
سان موهہ پهاڙ جيڏو ۽ پڪو ٿي پوندو آهي. ان کي ٽوڙڻ آٿان
ڪم ناهي. ان کي مڃائڻ لاءِ توهان کي ڪجهہ ڪرڻو پوندو.“
مون حالتن جو اندازو لڳائيندي چيو، ”ڪم آهي تہ ڏاڍو

تہ پوءِ قرض ڇا جو؟ انڪري ئي مشن ۾ برهمچاري بڻجڻ ڪا
اڳہ ماتا پتا جي آگيا جي گُهر ڪندا آهن. مان جيڪڏه
اُها نہ ڏيئي سگهيس تہ مان برهمچاري ڪونہ بڻجي
سگهندس.“. اُديہ جي آواز ۾ ڪروڌ سان گڏ بيحد مايوسي
سمايل هئي.

مان لاجواب ٿي ڪجهہ سوچيندو رهيس، ليڪن سمجه
۾ ڪجهہ ڪونہ آيو تہ ڇا چوان؟ اُديہ وري چيو، ”ماتا پتا ڪي
پنهنجي سنتان کان شيوا وٺڻ جو پورو پورو حق آهي ۽ سنتان ج
بہ اِهو فرض آهي تہ ماءُ پيءُ جي شيوا ڪري ۽ خاص ڪري ٻڍاپ
جي اوستا ۾ تہ اهو بيحد ضروري آهي. ليڪن جڏهن سنتان جي
جيون ۾ ڪو اڌياتمڪ اُنتيءَ جو سوال اچي وڃي تڏهن وڏڙن جي
مٿان بہ فرض جو ٻوجهہ پوي ٿو تہ پنهنجي موهہ کي پاسيرو رکي
سنتان سان هنجي مقصد جي پوري ٿيڻ لاءِ پورو پورو سهڪا
ڪن.“

مون ڪي گهڻا شاستر ڪونہ پڙهيا آهن، ليڪن هڪ ساڌار
انسان جيان مون جيڪي ڪجهہ ٿورو گهڻو علم پرايو آهي، ا
جي آڌار تي مون ائين ئي محسوس ڪيو آهي تہ اسين جڏه
جنم وٺون ٿا تڏهن پاڻ سان گڏ ڪي خاص سنسڪار پڻ کڻي اچو
ٿا، جي اڳتي هلي اسان جي جيون جو آڌار بڻجن ٿا. اسي
جيڪي ڪجهہ سوچون ٿا يا جيڪي ڪجهہ ڪيون ٿا سو سڀ انه
سنسڪارن جي ڪري. جيون جي گذرندي، ڪن جا اِهي سنسڪا
ڪمزور ٿي وڃن ٿا ۽ ڪن جا بيحد پربل ٿي وڃن ٿا. جي ائين ن
هجي ها تہ پوءِ هڪ ئي ڪٽنب يا هڪ ئي ماحول ۾ پلجندڙ ٻ
ٻار جي نندڙي هوندي تہ هڪ جهڙي سڀاوَ جا هوندا آهن ليڪ
وڏا ٿيڻ تي هڪ ٻار تہ شيطاني ويچارن جو ٿي پوندو آهي ليڪ

”سوامي جي“

جڏهن اسانجو حالتون اسان جي ارادن ۽ اڇائن مطابق
ٿيون رهن، تڏهن اسانکي دک جو ڀاوَ ٿئي ٿو. اسان جا ارادا ۽
اڇائون اڇن ٿا اسانجي ويچارن مان، ۽ اسان جا ويچار نهن ٿا
اسان جي لکل واسنائن مان. جيڪڏهن اسان جو واسنائون ۽
سنسڪار نيڪ آهن تہ اسان جا ويچار بہ نيڪ ٿيندا ۽ جيڪڏهن
اسان جا ويچار نيڪ آهن تہ پوءِ اسان جا ارادا ۽ اڇائون بہ نيڪ
ٿينديون.

اسان جا ارادا ۽ اڇائون ڀل نيڪ هجن، ليکن حالتون
اسانجي وس ۾ نہ آهن. انکري اڇائن ۽ حالتن جي وچ ۾
هميشهہ تکرار ٿيندو رهي ٿو ۽ ان مان نيٺ دک پئدا ٿئي
ٿو. گايتريءَ جو بہ اهو ئي حال هو.

ائين تہ گايتري ڪڏهن نامديو سان گڏ اسانجي
گهرم ۾ ايندي رهندي آهي، ليکن تنهن ڏينهن اڪيلو ئي
اڪيلو اچي پهتي، تنهن مونکي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. مون
کي نمسڪار ڪري جڏهن منهنجي اڳيان اچي ويٺي تہ مون
کيس ڪنهن طرح ڪيس ڏسي محسوس ڪيو تہ هن يا تہ ننڊ ڪونہ
ڪئي هوندي يا تہ خوب رنو هوندائين، ڇو تہ سندس اکيون
ان حالت جون گواهہ هيون.

مون جڏهن کائنس پڇيو، ”اماں سڀ سک تہ آهي؟“

مشڪل، ليڪن بئي ڳڌجي ڪوشش ڪنداسين. توکي جڏهن
موقعو ملي تہ سائس ڳالهہ ڪجي ڇڏ، باقي پوءِ مان ڏسي
وٺندس. شايد تنهنجي سواميءَ جي مدد وٺڻي پوي.''
اسان جي هن سنواد جي گايتريءَ کي بلڪل ئي ڄاڻ ڪونہ
هئي.

طرح ٿي ڇاتو.

منهنجو خاطريءَ جهڙو جواب ٻڌي، گايتريءَ جي من ۾ ڪجهه تسلا ته ضرور مليا هوندي، ليڪن مون اِهو به ڇاتو ته جنهن موهه کيس اُديه سان ٻڌي ڇڏيو آهي، اُهو ئي موهه کيس ها ڪرڻ لاءِ به مجبور ڪندو.

گايتريءَ جي همٿ وڌي ۽ چيائين، ”سوامي جي ! توهين ئي پلا ٻڌايو، هڪڙوئي پٽ آهي ۽ اُهو به هيئن اسانکي ڇڏي وڃي سنياسي بڻجي، اِهو اسان کان ڪيئن سَنو ويندو؟“

مون چيو، ”امان، ائين نه چئُ. توهان کي جيڪڏهن پنج پٽ هجن ها ۽ انهن مان هڪڙو به سنياسي بڻجي ها ته به اوهان کي اوترو ئي دک ٿئي ها، جيترو هاڻي هڪ پٽ جي هئڻ ڪري ٿي رهيو آهي.“ ان ڳالهه کان گايتري انڪار نه ڪري سگهي ۽ مون ڏنو ته سندس چهري جا ڀاوَ بدلجڻ لڳا.

همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ گايتريءَ جو جڏهن پهريون وارُ مشڪل ويو ته هن ٻيو دليل ڏيڻ شروع ڪيو. چيائين، ”پنهنجي سنتان لاءِ ماءُ پيءُ ڇا نٿو ڪري؟ ڪيڏيون نه مصيبتون سهي ۽ ڪيتريون نه قربانيون ڏيئي ان کي پالي ٿو ۽ وڏو ڪري ٿو، ڇا ان لاءِ ته جڏهن هو پاڻ جهلي ته ماءُ پيءُ کي ڇڏي هليو وڃي؟“ گايتريءَ جي من ۾ پيڙا هئي، ڪشٽ هو جو هن شبدن جي معرفت ٻاهر ڪڍڻ ٿي چاهيو.

مون چيو، ”امان، تون ائين نه چئُ. ماتا ته ايشور جو روپ ٿيندي آهي، پريم جو پتلو ٿيندي آهي. ٻار کي پالڻ ۽ ان کي وڏو ڪرڻ ماتا ته پنهنجو ڌرم سمجهندي آهي. ماتا ته تياڳ جي مورت ٿيندي آهي، جا صرف ڏيڻ ڄاڻندي آهي پر وٺندي هڪ ڪک به نه آهي. تون ڏنيه آهين جو تو اُديه جهڙي چريتروان

تہ هوءَ اڇي روئڻ ۾ چتکي. مون سندس متي تي هٿ رکندي
چيو، ”امان، ايترو نہ روءُ، ٻڌاءِ ڳالھہ ڇا آهي؟ ايشور ۾ وشواس
رکہ، سڀ ڀلي تي پوندي.“

پرسان رکيل پاڻيءَ جو گلاس مون کيس آڇيندي چيو،
”هيءُ پاڻي پيءُ ۽ ٻڌاءِ تہ ڳالھہ ڇا آهي؟ تون بيحد پريشان
تي ڏسجين.“

پاڻيءَ جا ٻہ ڍڪ ڀري گايتريءَ سامت جو ساھہ کنيو، ۽ مون
ڏانهن نماڻا نيڻ کڻي چيو، ”توهين اُديہ کي سمجهايو ڇ
کونہ ٿا؟“

مون کي ڳالھہ کجھہ سمجھہ ۾ اچي ويئي. کجھہ
ڏينهن اڳہ اُديہ مون سان بہ برهمچاري ٿيڻ جي ڳالھہ ڇيڙي
هئي ۽ مون کان صلاح ورتي هئي. مون سمجهي ورتو تہ هي
ان ڳالھہ جو اڳلو اڌياءُ هو.

اُديہ هڪ هوڻهار نوجوان آهي. ايشور کي ڄاڻڻ جي
لالسا منجهس لبالب ڀريل آهي. هن نہ صرف شاسترن جو سن
اڀياس ڪيو آهي، پر سنو چنتن بہ کيو آهي. سندس چت
کافي شڌ ٿي چڪو آهي ۽ هوُ کڏهن بہ ڇلانگ ماري سمنڊ
۾ ٽپي پوندو ۽ موتي ڳولهي لهندو.

مون گنڀير ڳالھہ کي کجھہ هلکو کرڻ جي خيال کان
ٺهڪ ڏنو ۽ گايتريءَ طرف نهاريندي چيو، ”امان، جيکڏهن
تون نہ چاهيندينءَ تہ تنهنجو اُديہ کڏهن بہ برهمچاري نہ ٿي
سگهندو. سڀ ڪجھ تہ تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي.“

اُديہ سندس هکڙوئي پٽ هو ۽ سندن آئيندھہ جو آسر
هو، سو مون ڇڻيءَ طرح ڄاتو ٿي. انکري گايتريءَ جو ساڻس
بيحد موھہ تي وڃڻ کو غير سڀاويک نہ هو، اهو بہ مون ڇڻيءَ

ڏنم ته گايتري منجهي پيئي ۽ منهنجي سوال جو
جواب نه ڏيئي سگهي ته مون چيو، ”ماتا هميشه پنهنجو
ٻار کي نه ڏسي سنتان جو سک ڏسندي آهي. انڪري ئي ماتا
جي تياڳ جي پاوَ ۾ سيني کان اونچو استان ڏنو ويندو آهي.
ماتا ته تياڳ جي ساڪيات مورت ٿيندي آهي. ڀڳت ڌروءَ جي
ٻه ماتا هئي، جنهن پنهنجي پنجن سالن جي پٽ کي خود
پريرڻا ڏيئي بن ۾ تپسيا ڪرڻ لاءِ ۽ ايشور کي پائڻ لاءِ موڪلي
ڏنو. اُها به ته ماتا هئي، ۽ ڌروُ سندس هڪڙوئي اڪيلو پٽ هو!“
گايتري چپ چاپ چپ جيان ويٺي رهي. سندس اندر
۾ شايد موهه ۽ تياڳ جي يڌ چالو ٿي ويئي هوندي. موهه چئي
رهيو هو، ”اُديه منهنجو آهي ۽ منهنجو رهي،“ ليڪن تياڳ
ٿي چيو، ”اُديه کي وڃڻ ڏي، وڃي سگهي ٿئي.“ آخر ۾ ڪنهن
جيو سوچڻ مشڪل هو.
جڏهن ڪافي دير تائين گايتري پنهنجيءَ ڪشمڪش
۾ محو رهي ۽ ڪجهه به نرڻيه نه ڪري سگهي ته مون ڪيس
سمجهائيندي چيو، ”امان، اسين اگياني آهيون، يعني ته اسان
کي پنهنجي شڌ سروپ جي ڄاڻ ڪونهي ته حقيقت ۾ اسين ڪير
آهيون؟ ان اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪارڻ اسين پاڻ کي هي شرير من ۽
بدي سمجهي ويهون ٿا ۽ جڳت جي وشين سان ايترو ته لڳاو ٿي
وڃي ٿو جو ان مان نيٺ موهه ئي پئدا ٿئي ٿو ۽ ان موهه جي
ڪري اسين ڪوبه صحيح فيصلو ڪري نه ٿا سگهون.“
گايتريءَ پنهنجي ترڪش مان هڪ نئون تير ڇوڙيندي
چيو، ”اُديه جو پتا سال ٻن اندر رٽائر ٿيڻ وارو آهي. جيڪڏهن
اُديه هيئن هليو وڃي ته اسانجي ٻڍيءَ اوستا ۾ ڪير پرگهور
لهندو يا سنڀال ڪندو؟“

پٽ کي جنم ڏنو آهي.“ ۽ مون ٽڏو ساهه کڻندي چيو، ”ڇا تـ
سندس مٽيا آهي ۽ ڇا تہ سندس تيز ٻڌي آهي. امان، تون اڳ
ين جنمن ۾ پڪ ئي پڪ کي ست ڪرم ڪيا هوندا جن جي
عيوض توکي اُديہ جهڙو پٽ مليو آهي.“

ڏنم تہ گايتريءَ جو سِرُ فخر کان اوچو ٿي ويو. مون
ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي وري چيو، ”شاسترن ۾ لکيل آهي ۽
حقيقت بہ آهي تہ جنهن جي ڪُلَ ۾ ڪوئي هڪڙو بہ گياني پرش
پيدا ٿيندو آهي تہ اُن جا ست ڪُلَ تري ويندا آهن.“

”ليڪن مان تہ اُديہ کانسواءِ رهي ڪونہ سگهندس.“
گايتريءَ پنهنجي ڪمزوري ۽ بيوسي ڏيکاريندي چيو.

”امان، تون اهو انڪري چئي رهي آهين، ڇو تہ تون اُديہ
کي صرف هڏ ماس جو پتلو ٿي ڀانئين. ليڪن اُديہ صرف شرير نہ
آهي. اُديہ تہ هڪ آتما آهي، جيئن تون آهين. آتما جي آتما
کان جدائي ڪيئن ٿي سگهندي؟“

”منهنجو تہ اُديہ ۾ ساهہ آهي. مان اُن جي ماءُ آهيان.
ماءُ ڪيئن ٻنان ساهہ جي رهي سگهندي؟ جل ٻنان مڇلي
ڪيئن رهي سگهندي؟“ گايتريءَ جو شايد هنياو ڀرجي آيو. ٻہ
منٽ چپ رهڻ کانپوءِ هن وري چيو، ”ڇا ماتا جسوتا جو شري
ڪرشن ۾ ساهہ ڪونہ هو؟ مٿرا وڃڻ لاءِ ڪرشن کي ڇا خوشان
خوشيءَ موڪل ڏني هئائين؟“

گايتريءَ جي سوال جو سڌيءَ طرح جواب ڏيڻ مشڪل
هو، انڪري مون سوال جو جواب سوال سان ئي ڏيڻ چاهيو.
مون چيو، ”امان، اول اِهو ٻڌاءِ، تون اُديہ جي جدائي نہ سهي
سگهندينءَ، ان ڳالهہ ۾ تنهنجي سک جو سوال سمايل آهي يا
اُديہ جي سک جو؟“

”نمرتا“

مون ٻوٽي کي باريڪبينيءَ سان وڌندو ڏٺو آهي. ٻج مان
انڪور ٿي ڦٽندو آهي؛ انڪور مان ساوا گونچ نڪرندا آهن،
گونچن مان پتا ۽ پتن مان ٽاريون ۽ ائين ڏسندي ڏسندي هڪ وشال
وڻ اسان جي اکين جي آڏو ساڪار ٿي ويندو آهي. مان اڪثر
سوچيندي آهيان ته اِهو ڪيئن ٿو ٿئي ۽ ڪير ٿو ڪري؟ ڇا
ڪنهن جي اِڇا ڪانسواءِ به اِهو ممڪن آهي؟ ته اُهو اِڇا ڪرڻ وارو
ڪير آهي؟ جواب ۾ ائين ٻڌو اٿم ته اِهو سڀ پاڻئي پاڻ ٿو ٿئي.
ته پوءِ گهڙو پنهنجو پاڻ ڇو ڪو نه ٿو تيار ٿئي؟ جيڪڏهن گهڙي
کي تيار ڪرڻ لاءِ ڪنڀار جي ضرورت آهي ته هي هيڏو سارو جڳت
ڇا ائين ئي تيار ٿي ويو هوندو؟ بنان ڪنهن ڪارڻ جي؟

يا ڪڏهن ڪڏهن مٿي ڪُڏُ تي وچي سمهندي آهيان ته
آڪاش ۾ اکيچار ۽ اڻ ڳڻيا تارا ڏسي به اِهوئي سوال اُٿندو آهي
ته هي تارا، هي سج ۽ هي چنڊ آخر ڪنهن ٺاهيا آهن؟ اِهي.
آڪاش ۾ هلن ٿا ليڪن هڪ دفعو به ٽڪرائجن نه ٿا، سو ڪيئن؟
ڪير ويٺو هنن تارن کي ۽ سجن کي الڳ الڳ رستن تان هلائي؟
ڀل ڪٽي اڄ جي سائنس ان جو جواب ڏي ته تارا ڪيئن ٿا
هلن، ليڪن ڇو ٿا هلن ۽ ڪٿان آيا ان جو جواب وگيان ته اڃان
ڪو نه ڏيئي سگهيو آهي. آڪسيجن ۽ هئڊروجن جي ملڻ سان
جَلُ ته برابر ٺهي ٿو ليڪن صرف جَلُ ئي ٺهي ٿو سوچو؟ ٻيو

مون پيار سان چيو، ”امان، تون پريوءَ تي وشواس ڪري
ڏس. آخر ۾ سيني جي پرگهور لهڻ وارو تہ اُهوئي هڪ
آهي.پٽ ۽ ٻيا رشتيدار تہ صرف بهانو آهن. سيئي پٽن وار
سکي آهن، ائين تہ ڪ سان ڪوئي ڇٽي ڪو نہ سگهندو
بنان پٽن وارا دکي آهي، ائين بہ ڪونهي. اُديہ هڪ
آگياڪاري پٽ ٿي اوهان جي شيوا ڪندو، ان جي تہ مونکي
خاطري آهي، ليڪن سوال اهو آهي تہ جنهن منزل تي پهچڻ
لاءِ هو ايڏو بيتاب ٿي رهيو آهي ۽ اُها منزل نہ ملڻ جي حالت
۾ هوُ ڪيترو دکي ٿيندو، ان جو تو ڪڏهن اندازو لڳايہ
آهي؟“

گايتري چپ ڪري ويٺي هئي، ليڪن من ۾ لڙائي چال
هيس. ڪجهہ دير ڪانپوءِ هن پنهنجون اکيون اگهندي چيو
”ماتا تہ هميشهہ اهوئي چاهيندي آهي جنهن ۾ پٽ ج
ڪلياڻ ٿئي. مان سندس جيون جي اُديش جي آڏو اچي
سوارٿي بڻجڻ نہ ٿي چاهيان. اوهان منهنجون اکيون کولي
ڇڏيون، ان لاءِ مان اوهانجو اُپڪار ٿي مڃان.“ ۽ هن هٿ
جوڙي مون کي نمسڪار ڪيو.

مون چيو، ”امان، تون ڌنيہ آهين. تنهنجو هي تياڳ
ڪيترو رنگ آڻيندو، اُهو اڄ چوڻ مشڪل آهي، ليڪن ڪجهہ
عرصي ڪانپوءِ تون خود محسوس ڪندينءَ تہ تنهنجي هن تياڳ
جي ڪري تو سماج تي ۽ هن ديش تي ڪيترو نہ اپڪار ڪيو
آهي!“ آدر ۽ سنمان مان منهنجا ٻئي هٿ ملي مٿي اُٿيا ۽
مون اُتي گايتري ديويءَ کي نمسڪار ڪيو.

مميءَ کي. مميءَ جو بس اِهو چوڻ هو تہ شهر جي گرلس
ڪاليج ۾ داخلا وٺان جو گڏيل تعليم جي باري ۾ سندس من
۾ ڪيترائي گمان هئا. مان اِن پراڻي، ويچار ڌارا سان شامل
ٿيڻ ڪونہ هئس. پرمود جو مونکي پورو پورو ساٿ هو، انڪري
مون شهر جي سٺي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ جو فيصلو ڪيو.

ان ڏينهن ڪاليج ۾ فيون ڀرڻ واسطي لمبي لائين
هئي. منهنجي بنهہ اڳيان لائين ۾ اُديہ بيٺو هو. ويڪري
ڇاتي، اوچو ٻات، لمبيون ٻاهون، رشت پشت شرير ۽ گورو بدن.
مون اِهو پهرينءَ نگاهہ ۾ ئي ڀانپي ورتو. لائين هلندي،
هلائي ڪيئن سندس ڪلهن ۾ پيل جهولو اچي مون کي لڳو.
جهولي ۾ شايد ڪا ڀاري شيءِ يا ڪو ڀاري ڪتاب هو جنهن
جي لڳڻ سان آواز ٿيو ۽ اُديہ هڪدم مڙي مون ڏانهن ڏٺو. هوُ
جيسين ڪجهہ چوي ان کان اڳ مون مشڪي ڏنو ۽ چيو، ”اٽ
از آل رائيٽ“. اُديہ بہ مشڪي ڏنو ۽ چيو، ”آءِ ائم ويري ساري
پليز“.

مان ان ڳالهہ تي بار بار سوچيندي آهيان تہ ان ڏينهن
مون کان مشڪ ڇو نڪري ويئي؟ مون ڇو مشڪي ڏنو؟ مان غصي
۾ اچي ائين بہ تہ چئي ٿي سگهيس تہ ”وڏو بدتميز آهين،
منهنجو جهولو بہ سنڀالي نہ ٿو سگهين.“ ليڪن ائين چوڻ بجاءِ
مون مشڪي ڇو ڏنو؟ اِها ڇا مشڪڻ جي ڳالهہ هئي؟ ڪوئي
ڪجهہ بہ چوي، مان ان ويچار جي آهيان تہ اسان رشتن جوڙڻ ۾
خودمختيار نہ آهيون. ڪابي شڪتي آهي جنهن جي ڪارڻ اسين
رشتا جوڙيون ٿا ۽ رشتا ٽوڙيون ٿا. اسين تہ بس ان ڪاٺ پتليءَ
وانگر نچون ٿا جنهن جي ڏوري ڪنهن اڻ ڏٺل شڪتيءَ جي هٿ
۾ آهي.

ڪجهه چوڪو نه ٿو نهي؟

ساڳيءَ طرح هن سنسار ۾ اسان جا رشتا جڙجن ٿا ۽ اسين هڪ ٻي ڏانهن ڇڪجي وڃون ٿا، سو ڇو؟ روزمره جي جيون ۾ ڪيترن سان ئي گڏجاڻي ٿئي ٿي ۽ ڪيترائي اسان جي اکين اڳيان لنگهي وڃن ٿا ليڪن اسان تي ڪو اثر ئي ڪو نه ٿو پوي. ڪن سان گڏجندي ئي نفرت ٿيو وڃي ۽ چئون جلد جان ڇٽي ته سنو. پر ڪن سان ته ائين ٻڌجي وڃبو آهي ڄڻ سالن ڪان هڪ ٻئي کي سڃاڻون. ائين ڇو ٿو ٿئي ۽ ڪيئن ٿو ٿئي؟ ڇا اڳين جنمن جي ڪا پهچاڻ آهي؟ وگيان ان ڳالهه کي پلي مڃي يا نه مڃي ليڪن هندو شاستر انهيءَ ڳالهه کي مڃن ٿا. پوءِ پل ان کي وڌاتا چئون يا ايشور چئون، آهي ته ڳالهه اِهائي ته ڪنهن نه ڪنهن جي اِڇا سان هي سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي. منهنجو به اُديه ڏانهن کينچجي وڃڻ ان عقيدي جي تصديق آهي.

مان هڪ وچولي درجي جي ڪٽنب جي ڇوڪري آهيان. ننڍپڻ ۾ ئي پتاجي سرڳواس ٿي ويو. ان وقت مان ٻن سالن جي هئس. پتاجي ڳوٺ جي هڪ پانشالا ۾ اڌياپڪ هو ۽ سنسڪرت پڙهائيندو هو. پتاجيءَ کان پوءِ گهر جو سمورو بوجهه منهنجي ڀاءُ پرمود مٿان اچي پيو. اباڻي ملڪيت هئي، جنهن مان اُپت پيئي ٿيندي هئي، جنهن ڪري پرمود جي پڙهائي چالو رهي سگهي ۽ هاڻي هو شهر جي هڪ ڪمپنيءَ ۾ وڏي عهدي تي آهي. ان ڪري ئي اسانکي ڳوٺ ڇڏي شهر ۾ اچڻو پيو. جڏهن اسين شهر آياسين تڏهن مان مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي چڪي هيس ۽ سٺين مارڪن سان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي هيس.

ڪاليج پڙهڻ لاءِ نه پرمود کي اعتراض هو نه منهنجي

وچيم الائي ڪهڙي خطا ڪئي هوندي جو پروفيسر صاحب
ونکي سڏي رهيو آهي. مان بہ تعجب پرئي لحظي ۾
هاريندي اُٿي بيٺس. پروفيسر صاحب مون ڏانهن نهاريندي
يو، ”ويري نائيس. سؤ مان سؤ مارڪون، ڪلاس ۾ پهريون
مبر!“ ڪلاس ۾ مون لاءِ تاڙيون وڄڻ لڳيون. تاڙين جو شور
ڏهن گهٽ ٿيو تڏهن پروفيسر صاحب ٻيو پيپر هٿ ۾ ڪڻندي
يو، ”اُديہ شرما، نوانوي مارڪون.“ ۽ اُديہ اُٿي اُهو پيپر
روفيسر کان ورتو.

اِهو پهريون ئي دفعو هو جو اُديہ پهريون نمبر وڃايو
و. ڪلاس جڏهن پورو ٿيو تہ اُديہ مشڪندو مون طرف وڌيو ۽
ون سان هئنڊ شيڪ ڪندي چيو، ”مبارڪون هجني، سؤ مان
ؤ مارڪون!“ سندس آواز ۾ سچ پچ خوشيءَ پريو ٽون هو ۽
ندس لفظن ۾ صداقت هئي. اُديہ جي جڳهہ تي جيڪڏهن
ٻو ڪو وديارٿي هجي هان تہ شايد تعصب ۾ هوند جلي خاڪ
ي وڃي ها ۽ مون کي مبارڪون ڏيڻ بجاءِ هڪ ڀيرو مڙي بہ
ڪونہ نهاري ها. ليڪن اُديہ جو هردو شيشي جيان شفاف آهي،
ن جي ڄاڻ مون کي ان ڏينهن پئجي ويئي ۽ اِهو واقعو شايد
سان جي آئيندہ جي وڻ جو انڪور مثل هو، جنهنجو ٻج
ڄير ئي داخلا واري ڏينهن پئجي چڪو هو!

ڇهن مهينن اندر اسين ايترو تہ هڪ ٻئي جي ويجهو
اچي وياسين جڻ تہ پاڻ کي ننڍپڻ کان سڃاڻندا هجون،
ڪئنٽين ۾ گڏبا هئاسين تہ يا هو مونکي چانهہ جي آڇ ڪندو
و يا مان ڪيس زوريءَ پيئاريندي هيس. زوري ڪرڻ ۾ مونکي
اص مزو ايندو هو ۽ ڪيترن موقعن تي اُديہ چانهہ نہ چاهيندي
۾ صرف منهنجي دل رکڻ لاءِ انڪار نہ ڪري سگهندو هو. بس

اسان سدائين پنهنجيءَ سوچ تي فخر وٺندا آهيون
پنهنجي پرشارٿ جي ڦل تي سدائين سک جو انڀو ڪند
آهيون، ليڪن ڪڏهن اِهو سوچي ڏٺو آهي ته ان سوچ جي پنيا
ڪنهنجو هٿ آهي؟ ڇا ان جي اِڇا ڪانسواءِ اسانجي سو
تي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن سوچ اسان جي هٿ ۾ آهي ته پ
هار ڇو ٿي ملي؟
مان سمجهان ٿي ته اُديه سان ان ڏينهن واري ملاقا
جو ٿيڻ ۽ اسان ٻنهي جو سهڄتا سان مشڪي ڏيڻ ڇڻ اسا
جي آئينده جي رشتي جو پهريون ٻج هو!
ڪاليج جا ريگيولر ڪلاس شروع ٿي چڪا هئا. مان
اُديه هاڻي هڪ ٻئي لاءِ اجنبي ڪونه هئاسين. جڏهن به هڪ
ٻي جي سامهون ٿيڻ جو موقعو ملندو هو ته مان ڪيس مشڪ
ڪيڪاريندي هيس، يا هو مونکي مشڪي وش ڪندو هو
ڪيترائي ڏينهن اهو دستور چالو رهيو. دل چاهيندي به ما
ساڻس ڳالهائي نه سگهيس. ٻين ڪيترن هم ڪلاسي ڇوڪر
۽ ڇوڪرين کان مون ٻڌو هو ته اُديه هڪ خاص مٺيا وارو وديارٿ
هو. ڪلاس ۾ جا ڳالهه هڪ ڀيرو ٻڌندو هو، سا سندس ذهن
ڇڻ اُڪرجي ويندي هئي، ۽ ان ڪري امتحان جي ڏينهن
هو ٻين ڇوڪرن وانگر ڪا خاص محنت به ڪو نه ڪندو هو
ان جي باوجود هو ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو هو. اُهوئي
سندس شان ۽ اُهوئي سندس رتبو هٿ ڪاليج ۾ به جاري هو
هڪ ڏينهن، ماهوار امتحان جا جوابي پيپر ڪٺ
پروفيسر صاحب ڪلاس ۾ گهڙيو ۽ تعجب ڀريئي آواز ۾ سوا
ڪيائين، ”نمرتا ڪير آهي؟“ مان ڪلاس جي پوين سيٽ
تي ويهندي هيس. سوال ٻڌندي ئي مون کان ڇرڪ نڪري ويو

ٿئي ٿي، گيزر چالو ٿئي ٿو ۽ گرمائش پيدا ڪري ٿو. شڪتي
هڪ ئي آهي ليڪن الڳ الڳ اوزارن ۾ الڳ الڳ نموني ظاهر
ٿئي ٿي ۽ الڳ الڳ نموني جو اثر پئدا ڪري ٿي. ساڳيءَ
طرح ايشور به هڪ ئي شڪتي آهي جو جڳت جي هڪ هڪ
شيءِ ۾ الڳ الڳ نموني ۾ ظاهر ٿئي ٿي. جهڙيءَ طرح بجلي
ادرشيه آهي، اسين ڪيس ڏسي نٿا سگهون، ساڳيءَ طرح ايشور
به ادرشيه آهي، اسين ڪيس ڏسي نٿا سگهون.''

اُديه جي اڌياتم ۾ ايتري دلچسپي هئي ۽ سندس چاڻ
ايترو وڌي چڪي هئي تنهنجو احساس مونکي اُن ڏينهن ئي
ٿيو. ائين ته ڌارمڪ سنسڪار مون ۾ به آهن. مندر ۾
ويندي آهيان، پوڄا به ڪندي آهيان، ڪڏهن ڪڏهن گيارس
يا ٻيو ڪوئي ورت ماءُ سان گڏ رکندي آهيان، ليڪن ڪڏهن
به اڌياتم تي گهرائيءَ سان نه سوچيو آهي ته مان ڪير آهيان،
يا هي جڳت ڇا آهي ۽ ڪيئن ٺهيو يا ايشور ڇا آهي؟

اسين عام طور ائين ئي سمجهندا آهيون ته ايشور ۽
ايشور کي سمجهڻ جون ڳالهيون سڀ ٻڍاپي لاءِ آهن ۽ ٻڍاپي
لاءِ رکڻ گهرجن. انڪري اُديه کي هن طرح جون ڳالهيون ڪندو
ڏسي مون کي حيرت ضرور ٿي. ان حيرت جي حد اڃان به نه
رهي جڏهن هڪ ڏينهن مون کي سندس گهر وڃڻ جو موقعو
مليو.

ٻن چئن ڏينهن کان اُديه ڪاليج ڪو نه ٿي آيو ته مون
کي اڻ تڻ ٿيڻ لڳي هئي. ائين ته ڪاليج ۾ ٻيا به ڪيترائي
شاگرد نه ايندا هئا، ليڪن اُنهن لاءِ ته ڪڏهن اڻ تڻ ڪو نه
ٿي هئي. صرف اُديه جي نه اچڻ تي اڻ تڻ ٿيڻ لڳي هئي،
ان لاءِ نيڪ سان چوڻ مشڪل هو. ڇا منهنجي هستي اُديه جي

ايترو سو چئي ڏيندو هو، ”تنهنجي خواهش ايترو ته وشال
آهي جو مان انڪار ڪري پاڻ کي ننڍو ڪرڻ نه ٿو چاهيان.“
۽ مان مشڪي چانهه جو آرڊر ڏيئي ڇڏيندي هيس.

اُديه کي لئبرريءَ جو بيحد شونق هو. جيڪو به وقت
کيس بچندو هو، هوُ لئبرريءَ ۾ وڃي ويهندو هو ۽ ڪجهه نه
ڪجهه پيو پڙهندو رهندو هو. جيڪڏهن ڪاليج ۾ هوُ ڪٿي
نه ملي ته لئبرريءَ ۾ پڪ ئي پڪ ملندو. هڪ ڏينهن گهمندي
گهمندي لئبرريءَ ۾ پهتس ته اُديه ڪو ڪتاب پڙهڻ ۾ محو
هو. منهنجي اچڻ جي آهٽ جو کيس ڪو احساس نه ٿيو. مان
ڪتاب طرف نظر ڪئي ته حيران ٿي ويس. هو انڊين فلاسافيءَ
تي لکيل هڪ ٿلهو ڪتاب پڙهي رهيو هو. مون تعجب
ڏيکاريندي چيو، ”سياڻي فزڪس جو امتحان آهي ۽ اڄ تون
فلاسافيءَ جو ڪتاب پيو پڙهين!“

اُديه مشڪي مون طرف نهاريو ۽ ڪتاب کي بند ڪري
چيو، ”ڇو؟ ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟
جيستائين جيون جي فلاسافي نه سمجهي آهي تيستائين
فزڪس ڪٿان سمجهه ۾ ايندي؟“

مون چيو، ”فلاسافيءَ جو فزڪس سان ڪهڙو واسطو؟
پروفيسر ته ڪا اهڙي ڳالهه سمجهائي ڪونهي!“

لئبرريءَ ۾ ان وقت ڪوبه ويٺل ڪونه هو. انڪري اُديه
مون کي پرواري ڪرسي آڇيندي چيو، ”ويهه ته ٻڌايانءِ.“ ۽
مان آڇيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

اُديه چيو، ”اسان فزڪس ۾ بجليءَ جو چئپٽر پڙهيو
آهي ته بجليءَ جو ڪرنٽ ڏيڻ سان پنکو هلي ٿو ۽ هوا ڏئي
ٿو، بلب جلي ٿو ۽ روشني ڏئي ٿو، فرج هلي ٿي ۽ ٿڌاڻ پيدا

اُديہ هميشهہ جيان مشڪرائيندي چيو، ”نہ رڳو مان
پڙهندو آهن، پر پڙهي پورا بہ ڪيا اٿم ۽ ڪي ڪتاب تہ
صندوق ۾ بند ڪري رکيا اٿم. تون آخر ايترو تعجب ڇو ٿي
ڪائين؟“

”تنهنجو ايترو شونق آهي انهن ڪتابن سان!“ منهنجو
تعجب اڃان بہ وڌي ويو.

”شونق لاءِ تہ الف لئلا ۽ حاتم تائيءَ جا ڪتاب پڙهيا
ويندا آهن. هي ڪتاب شونق لاءِ ناهن، هنن ڪتابن مان جيون
جي ڄاڻ ملندي آهي.“ ائين چئي اُديہ جڻ تہ مونکي ٻڌائڻ
ٿي چاهيو تہ مان ڪيتري اڻاڙي ۽ ناسمجهہ آهيان.

”ليڪن....“ چوندي چوندي مان رڪجي ويس ڇو تہ
جو سوال مون پڇڻ ٿي چاهيو ان جي پڇڻ سان مان وڏيڪ
ٻچسي پاسجان هان.

ليڪن منهنجي اڻ پڇيل سوال کي اُديہ نيڪ سان ڄاڻي
ورتو ۽ چيو، ”...ليڪن هن عمر ۾ ڇو؟ ائين نہ؟؟ در اصل سچي
پڙهائي تہ اڌياتم آهي جا پارتواسين کي پنهنجي ورثي ۾
صدين کان ملي آهي، ليڪن اسين ان کي وساري پڇم جي
ودوانن جو نقل ڪري هيءَ سڪوليرسائنس پڙهي رهيا آهيون.
جيئن ڪنهن محنت مزوريءَ لائق بڻجون. سوامي جي چوندو
آهي تہ جا ڳالهہ اسان عمر پر نہ ڪئي هجي، سا ٻڍاپي ۾
ڪيئن ڪري سگهنداسين؟ ڪنهن بہ نئين عادت وجهڻ لاءِ
ڪچڙي عمر بلڪل موافق عمر ٿيندي آهي.“

اُديہ جي هڪ اِهائي خاص ڳالهہ آهي تہ هو پنهنجي
ويچار ڏارا ڪنهن جي بہ مٿان مڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪندو
آهي. ان ڏينهن بس ايتروئي سنواد ٿيو. ايتري ۾ اُديہ جي

هستيءَ سان ڳنڍجي ويئي هئي، جنهن الڳ الڳ طرفن کان ايندڙ ۽ ڊارائون گڏجي هڪ تي وجن! مون کي اُديہ جي غيرموجودگيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو هو، انڪري مون سندس گهر فون تي ڳالهايو ۽ خبر ملي تہ اُديہ ٻن ڇئن ڏينهن کان بيمار هو. مان جهٽ وڃي سندس گهر پهتس.

اُديہ جي مميءَ سان بہ اُن ڏينهن ئي پهريون دفعو ملاقات ٿي هئي. وڏي ئي سرل سڀاوَ جي استري آهي ۽ جنهن کي بہ چاهيندي آهي تہ ان مٿان پنهنجو سمورو پيار هاري ڇڏيندي آهي. منهنجي بہ هن خوب آجيان ڪئي ۽ اُديہ جي ڪمري تائين پهچائي شايد اسان جي ناشتي جو بندوبست ڪرڻ هلي وئي. منهنجي هيئن اچڻ تي اُديہ کي حيرت ٿي يا خوشي ٿئي سو چوڻ مشڪل هو، شايد ٻئي ٿيا هجنس. سندس اکين مان حيرت ظاهر هئي ڇو تہ هن منهنجي اچڻ جو خواب ۾ بہ نہ سوچيو هوندو ۽ سندس چهري تي خوشيءَ جا آثار صاف ظاهر هئا، جن کي هو چاهيندي بہ لڪائي نہ سگهيو.

مون اُديہ جي پرسان ويهندي ڪائنس حال چال ورتو ۽ پوءِ سندس ڪمري جي چئني طرف نظر ڊوڙائي ڏٺو. اُديہ جي پلنگ جي ڏائي پاسي پٽ سان لڳل هڪ وڏو ڪٻٽ رکيل هو، جنهن جي سيني خانن ۾ وڏا وڏا موٽا ڪتاب ڪچا ڪڇ پيريل هئا. مون پرسان وڃي ڏٺو تہ قسمين قسمين جون گيتائون هيون ۽ ڪيترا سوامي وويڪانند جا لکيل ڪتاب هئا. انهن کانسواءِ سوامي اکنڊانند، سوامي چنميانند ۽ ٻين ڪيترن مشهور ودوانن جا ڪتاب هئا. مون ڪتابن ڏانهن نهاري حيرت انگيز نوع ۾ پڇيو، ”ڇا هي سڀ ڪتاب تون پڙهندو آهين، يا تنهنجي پپا جا آهن؟“

جواب تہ ڇڻ پرولي ھو، جو مان سمجھي نہ سگھيس. مون
ي وائڙن وانگر نھاريندو ڏسي، اُديہ چيو، ”اسين جو ڪجھہ
ي ڪريون ٿا سو سکہ جي پراپتيءَ لاءِ آھي، اِھو تہ تون بہ
ڄاڻين ٿي. اسين پڙھون ٿا تہ سٺي نوڪري ملي. نوڪري
ملي تہ ڌن ملندو، ڌن سان اسين جيون جون ڪامنائون پوريون
ڪري سگھنداسين. ڪامنائون پوريون ٿينديون تہ خوشيءَ جو
حساس ٿيندو. انڪري جيترو ڌن ڪمائينداسين اوترو ئي
سين سکي رھنداسين. ليڪن جيون جو ھي وڏي ۾ وڏو ڀرم
آھي. جيڪڏھن ڌن اڇڻ سان سک ملي ھان تہ پوءِ وڏا ڌنوان
ڪروڙپتي آتم ھتيائون ڇو ڪن ھا؟ اِھا اسانجي بي
سمجھي آھي، يا چئجي تہ اسانجو اگيان آھي جو اسين
سمجھي ويٺا آھيون تہ ڪامنائون پوريون ٿيڻ سان سک ملندو.
حقيقت اِھا آھي تہ ھڪ ڪامنا پوري ٿيڻ سان سؤ نيون
ڪامنائون پيدا ٿي وڃن ٿيون ۽ اسين انھن جي پوري ڪرڻ
لاءِ ڪولھو جي ٻئل وانگر اکين تي پٽي ٻڌي گول گول گھمندا
رھون ٿا ۽ سک اوتروئي اڳتي ڀڄندو وڃي ٿو ۽ اسين ٿڪجي
ٿڪجي پئجي رھون ٿا ۽ ائين ئي جيون جو انت ٿي وڃي ٿو.
انڪري مان چاھيان ٿو تہ مان اُھو ڪجھہ حاصل ڪريان جنھن
جي حاصل ڪرڻ کانپوءِ وڌيڪ ڪجھہ حاصل ڪرڻ جي ضرورت
نہ پوي.“

اُديہ جي ويچار ۾ وزن ھو، اِھو تہ مون ڄاتو ٿي، ليڪن
ان جي باوجود مون چيو، ”ڌن آخر ڪنھن کي نہ ٿو گھرجي؟
چوندا آھن ھڄيئي ناٿو تہ گھر لاڙڪاڻو. ڌن کانسواءِ جيون
بيڪار ٿي سگھي ٿي.“

ليڪن اُديہ پنھنجي ويچار تي قابو ھو. چيائين، ”اسان

ممي چانهہ ۽ پنهنجي هٿن سان تيار ڪيل ٿول ڪٽي آئي،
جيستائين اُهي سڀ مون کائي پورا نہ ڪيا تيستائين مون کي
واپس وڃڻ نہ ڏنائين. ايترو سنيهہ ۽ ايترو پيار تہ مون کي
پنهنجي سڳيءَ ماءُ مان بہ ڪڏهن حاصل نہ ٿيو هو. ڪيڏو نہ
عجيب آهن جيون جا رشتا ۽ رشتن جو جوڙ!

منهنجو اُديہ جي گهر وڃڻ جڻ ٻن ڪٽنبن جي سنبنڌ
جي شروعات هئي. هاڻي تہ اُديہ بہ اسانجي گهر هليو ايندو
هو ۽ جيستائين ممي‌ءَ جي هٿ جا ٺهيل گرم گرم پڪوڙا نہ
کائيندو هو، تيستائين جڻ اٿڻ جي ئي نہ ڪندو هو. ممي بہ
کيس خوب پائيندي هئي ۽ سندس اچڻ ۾ ڪي ڏينهن پئجي
ويندا هئا تہ مون هٿان نياپو موڪلي کيس گهرائي وٺندي
هئي. اهڙيءَ طرح منهنجي پاءُ پرمود سان بہ سندس دوستي
ٿي ويئي. مون کي لڳو اسان جي رشتي جو انڪور هاڻي وڏي
هڪ ننڍڙو ٻوٽو بڻجي چڪو هو، جنهن ۾ تازا تازا ڪچڙا پتا
ظاهر ٿي رهيا هئا!

ساليانا امتحان سِرَ تي اچي پهتا هئا ۽ پڙهائي زورشور
سان هلي رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اسين ٻئي يعني مان ۽
اُديہ ڪتاب کڻي وڃي باغ ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. هڪ دفعي
مان اُديہ کان پڇي ويٺس، ”اُديہ، تون آخر ڇا بڻجڻ ٿو
چاهين؟“

اُديہ کي جواب ڏيڻ لاءِ گهڻو سوچڻو نہ پوندو آهي.
جواب تہ سندس هميشهہ زبان تي تيار هوندو آهي. منهنجي
هن عجيب سوال جي جواب ۾ اُديہ چيو، ”مان اُهو ڪجهہ
حاصل ڪرڻ ٿو چاهيان، جنهن جي حاصل ڪرڻ کانپوءِ وڌيڪ
ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي ضرورت نہ پئجي سگهي.“ سندس

تيڻ لڳي هئي.

اُديہ مونکي ٻڌايو هو تہ ڪاليج پورو ڪرڻ ڪانپوءِ هوُ آءِ آءِ ٽيءَ جي تياري ڪندو، ۽ اِها ڄاڻ منهنجي من تي ڄڻ ٻوجھہ بڻجي سوار ٿي ويئي. اُديہ کي آءِ آءِ ٽيءَ لاءِ داخلا ملڻ يعني هتان هليو وڃڻ ۽ مون کان الڳہ ٿي وڃڻ. مان آئيندهہ جي ان دک پري گھٽنا ٿيڻ کان اُداس رهڻ لڳي هيس. مونکي اهو احساس ٿيڻ لڳو هو تہ مان اُديہ سان جڙجي ويئي هيس ۽ ائين لڳندو هو ڄڻ تہ مان اُديہ کي هاڻي کان نہ مگر ڪيترن جنمن کان سڃاڻان. هيءَ پريم اوستا هڪ طرفي هجي ائين اصل ڪونہ هو. اُديہ بہ مونکي اوترئي چاهيندو هو ۽ آدر ڪندو هو. اسان ٻنهي جو آچرڻ هڪ جهڙو هو ۽ اسان ٻنهي جا سپنا ـہ هڪ جهڙا هئا. ائين لڳندو هو ڄڻ اسين هڪ ٻئي لاءِ ٺاهيا ويا هجون. انڪري اُديہ جڏهن آءِ آءِ ٽي ڪرڻ لاءِ دهليءَ وڃڻ جو فيصلو ڪيو تہ منهنجي من کي جهٽڪو لڳو. حالانڪ مان سوارٿي بڻجي ائين نہ ٿي چاهيو تہ اُديہ آءِ آءِ ٽي نہ ڪري يا ٻي شهر نہ وڃي، ليڪن هن جي هلي وڃڻ سان منهنجي من ۾ اڪيلائي جو ٻوڏ ٿيڻ لڳو هو ۽ ائين ٿي محسوس ڪيو گويا جدائيءَ جي تيز تپندڙ اُس ۾ اسان جي رشتي جو هي ڪومل ۽ ڪچڙو ٻوٽو ڪٿي ڪومائجي نہ وڃي!

ڪاليج جا امتحان پورا ٿي ويا. مان سٺن نمبرن سان پاس ٿي هيس ۽ اُديہ بہ سنيءَ پوزيشن ۾ پاس ٿيو هو. آءِ آءِ ٽيءَ ۾ هن کي داخلا ملي چڪي هئي ۽ هو جلدئي دهليءَ وڃڻ وارو هو. جينوٽيڪ اڃان بہ مٿي پڙهڻ جي منهنجي بہ چاهنا هئي ليڪن مميءَ کي اِهو بلڪل ئي قبول نہ هو. پرمود جو سهڪار بہ مميءَ جي فيصلي کي بدلي نہ سگهيو. انڪري مونکي هڪ اسهاءِ بالڪا

جي سماج ڏن کي ايتري تہ اهميت ڏيئي ڇڏي آهي، جو اسان
مان هرڪو ڏن کي جڻ جيون جو اڪيلو اُديش سمجهي وينو
آهي. پر اسان جي ويدانت فلاسافيءَ ڪڏهن بہ ڏن جي خلاف
نہ چيو آهي، ڪڏهن بہ ڏن کي برو نہ سمجهيو آهي. غلط
سمجهيو آهي تہ ڏن کي ڇهتي پوڻ کي ۽ ان سمجهہ کي تہ
ڏن هئڻ سان دکن جو انت ٿيندو.''

''تہ پوءِ توهان ٿي پڌاءِ تہ ڪهڙي شيءِ حاصل ڪرڻ سان ٻيءَ
ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ جي ضرورت نہ پوندي.'' منهنجي
سوال ۾ بيصبري سمايل هئي جو مون ڄاڻڻ ٿي چاهيو تہ اهڙي
ڪهڙي جادوءَ جي ڇڙي هئي جنهن جي ملڻ سان انسان جا سڀ
دک دور ٿي ويندا!

اُديہ ٿورو وقت رکيو. شايد پنهنجي جواب کي سرل سليس
۽ سؤلو بڻائڻ چاهيندو هوندو. پوءِ هن پنهنجي سواميءَ جو نالو
وٺندي چيو، ''سوامي ٻڌائيندو آهي تہ اسان جي دک جو ڪارڻ
آهن اسانجون ڪامنائون، جن جو جنم ٿئي ٿو اسانجي اڳيان
مان تہ اسين شرير من ٻڌي آهيون. هڪ دفعو جيڪڏهن اِهو
پرم ٿئي ۽ انسان انڀوءَ ڪري تہ هو شرير من ٻڌي نہ پر اُها
پرم شڪتي آهي جنهن کي اسين ايشور يا ڀڳوان چئون ٿا تہ
پوءِ ڪامنائن جو جنم وٺڻ ممڪن ٿي ڪونہ سگهندو ۽ جيڪڏهن
ڪامنائون نہ رهيون تہ پوءِ دک ڪٿان پيدا ٿي سگهندو؟''

مان اُديہ جي فلاسافيءَ ۾ گهرو وڃڻ نہ ٿي چاهيو، نہ
ئي ضروري سمجهيو. ليڪن مون ايترو ضرور ڄاتو تہ اُديہ هڪ
غيررواجي شخص هو جنهن جي سوچ ۽ ويچار عام آدميءَ وانگر
نہ هئا. ان سوچ ويچار ۽ پنهنجي خيالن جي بلنديءَ جي ڪارڻ،
هو هڪ ڏينهن مهان شخص بڻجي ويندو، اِها مونکي خاطري

هو ڇو نہ مون کيس فون ڪيو هو تہ دهلي وڃڻ کان اڳ ہڪ دفعو ضرور ملي وڃي. هونءَ تہ مان ئي وٽس هلي وڃان ها، ليڪن جڏهن کان اُديہ جي ممي اسان وٽان ٿي وئي هئي، تڏهن کان مون کي سندس گهر وڃڻ ۾ سنڪوچ ٿي رهيو هو. منهنجي اندر ۾ آئيندھ جي ڪلپنائن جا ڇڻ طوفان لڳي رهيا هئا، ليڪن ٻاهر ڪجھہ بہ ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو.

اسين ٻئي اسٽڊي روم ۾ اچي ويٺاسين، پرمود تہ آفيس مان اڃان آيو ڪو نہ هو ۽ ممي هيٺ ڪچن ۾ اُديہ لاءِ شايد پڪوڙا ترڻ ۾ لڳي ويئي هئي. ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون ويٺاهئاسون ليڪن خاموش. دل ئي دل اندر سوچ جاري هئي. ڄڻ شرط لڳائي هئي تہ ڪير ٿو پهريائين چپ ٽوڙي! اُديہ گنڀير سڀاوَ جو آهي، اِها تہ مونکي ڄاڻ هئي، ليڪن اڄ هوءَ کان بہ ڪي قدر وڌيڪ گنڀير ٿي لڳو.

چپ آخر اُديہ کي ئي ٽوڙڻي پيئي. چيائين، ”ممي ءَ جي پسند بہ ڪهڙي نہ لاجواب آهي!“ اشارو مون طرف ئي هو. مون وراڻيو، ”ڇو؟ ان ۾ تنهنجي پسند جو ڪو بہ يوگدان ڪونهي ڇا؟“

اُديہ مشڪي ڏنو، اُهائي سرل مشڪ جا سدائين سندس چپن تي پيئي نچندي آهي. چيائين، ”جي مون کي خاطري هجي ها تہ منهنجي پيار جي تڇ ڀيٽ ديويءَ جي چرنن ۾ قبول پوندي تہ مان خودئي اچي ڀيٽ ڪريان ها.“ سندس واڻيءَ ۾ رومانچ ڀريل هو، جنهن جي احساس کان منهنجي پوري شرير ۾ ڄڻ گدگدي گهمي ويئي.

مون بہ رومانچي نوع ۾ جواب ڏنو، ”ديوي هميشھ ڏيندي آهي، تڏهن تہ کيس ديوي چوندا آهن يعني ڏيڻ واري. ديوي ڪڏهن وٺي ئي ڪونہ، سدائين ڏيندي رهندي آهي.“

جيان پنهنجو نصيب قبول ڪرڻو پيو.

منهنجي ۽ اُديہ جي وچ ۾ جو مترتا جو رشتو بڻجي چڪ
هو ان کان پرمود ۽ ممي چڱيءَ طرح واقف هئا. هنن پنهن
چاهيو ٿي تہ هي مترتا جو رشتو رشتيداريءَ ۾ بدلجي وڃي
ليڪن اِهو ڄاڻندي تہ اُديہ کي آءِ آءِ ٽي پوري ڪرڻ ۾ اڃا
ٻيا پنج سال لڳندا، هو اُديہ جي ماتا پتا سان اهڙي ڳالھ ڪڍڻ
جي همت نہ ڪري سگهيا؛ ۽ مان اندر ئي اندر ۾ لڇندي
رهيس. مون کي بہ همت ڪونہ ٿي جو اُديہ کان پڇي سگهان
تہ هو مون کي جيون ساٿي بڻائڻ لاءِ ڪيتري قدر تيار هو

جڏهن ڪا اهڙي گهٽنا گهٽجي پوي جنهن جي نہ
اُميد هجي نہ آشا، تہ اُن کي ڪرشمو ئي چئبو آهي. منهنجي
جيون ۾ بہ ڪجھ اهڙي قسم جو هڪ ڪرشمو ٿي ويو. هڪ ڏينهن
اُديہ جي مميءَ خود اچي منهنجي مميءَ کان منهنجي ٻانهن
گهري! ڪهڙي نہ عجيب ڳالھ هئي. انڌو گهري هڪ اک،
پر جي ٻئي اکيون ملي وڃن تہ هوُ ڪيڏو نہ پاڻ کي خوش
نصيب سمجهندو! مميءَ جو بہ ڪجھ اهڙوئي حال هو ۽ مان
تہ خوشيءَ ۾ ستين آسمان ۾ اُڏامڻ لڳس. دل ۾ هڪ دفعو
وري تصديق ٿيڻ لڳي تہ جو ڪجھ ٿي رهيو آهي ڪنهن
ادرشيہ شڪتيءَ جي اِڇا سان ٿي رهيو آهي!

اُديہ جي مميءَ ٻڌايو تہ اِها سندس دلي چاهنا هئي تہ
اُديہ ۽ مان وواھ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي وڃون. هن اُديہ کان بہ ان
ٻاري ۾ پڇيو هو. هن کي بہ هن رشتي لاءِ انڪار نہ هو. بس،
هڪڙو ئي شرط هوس تہ اول ڪيس آءِ آءِ ٽي پوري ڪرڻ ڏني
وڃي، ٻيون سڀ رسمي ڳالهيون پوءِ.

دهليءَ وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ اُديہ اسانجي گهر آيو

چيائين، ”هي جو اسين ڪاليج ۾ ٻاهر ڏسي رهيا آهيون سو
پيار جو نہ پر چاهت جو کيل آهي. اِهو ائين آهي جيئن ڪنهن
کي آئيس ڪريم کائڻ جي چاهہ هجي. آئيس ڪريم ملي تہ
چاهت پوري ٿي ويئي. وري نئين چاهہ جنم وٺندي ۽ جي
آئيس ڪريم نہ ملي تہ ودروهہ.“

”ليڪن هي پيار ڪٿي ٿيو ٿو؟“ مان ٻارن وانگر بي مقني
سوال ڪري ويٺس.

منهنجي سوال جي جواب ڏيڻ ۾ اُديہ کي ڇڻ سوچڻ
جي ضرورت ئي ڪونہ هئي. جواب تہ سندس زبان تي تيار
ويٺو هو. چيائين، ”اِهو اسانجي من جو پرم آهي تہ اسين
ڪنهن ڪنهن کي پيار ٿا ڪريون.“

سندس هن انوکي جواب تي مان دنگ رهجي ويس.
چيم، ”هي ڇا ٿو چوين، پيار ڪرڻ ڇا من جو پرم آهي؟“

هن چيو، ”بيشڪ! در اصل پيار تہ هرڪنهن جي سڀاءَ
۾ پريل آهي يا ائين چئجي تہ پيار اسانجو پنهنجو ئي شڌ
سروپ آهي. اسين سڀ ڪان وڌيڪ پاڻ کي ئي پيار ڪندا
آهيون. شايد ئي ڪو اهڙو شخص ملندو جو پاڻ کي پيار نہ
ڪندو هوندو. اِهو اسانجو پنهنجو ئي پيار آهي جو ٻئي ڪنهن
جي هردي ۾ اڇلون ماريندو نظر ٿو اچي، جڏهن اسين پاڻ
کي ان شخص جي اندر پسڻ جو انڀوءُ ڪريون ٿا. انڪري
ائين چوڻ تہ اسين ٻئي ڪنهن کي پيار ڪريون ٿا، غلط آهي.
در اصل اسين پنهنجو پاڻ کي ئي پيار ڪريون ٿا.“

مان اُديہ جي هن نئين ويچار کي سمجهڻ جي ڪوشش
ئي ڪري رهي هيس جو اُديہ مثال ڏيئي مون کي سمجهائڻ
جي ڪوشش ڪئي. چيائين، ”ڏس، ماتا ۽ پتا پنهنجي ٻار کي

ٻنهي کان هڪ ئي وقت ٿهڪ نڪري ويو.

ڪجهه وقت لاءِ ڪمري ۾ شانت رهي. مان اُديه طرف نهاريندي رهيس، شايد جو چوڻ ٿي چاهيو تنهن لاءِ همت ڪٺي ڪري رهي هيس. جڏهن سوال پوريءَ طرح من ۾ تيار ٿي ويو، تڏهن مون اُديه کان پڇيو، ”اُديه، تون استري ۽ پرش جي سنٻنڌ کي ڪيئن ٿو سمجهين؟“

اُديه چيو، ”سنسار ۾ اگر ڪوئي پوتر کان پوتر رشتو آهي ته اُهو استري ۽ پرش جو سنٻنڌ آهي. ان کان وڌيڪ پوتر ٻيو سنٻنڌ ڪوئي ٿي نٿو سگهي.“ اُديه جي اکرن ۾ گهرائي هئي. ”ان سنٻنڌ ۾ چاهه به ٿي سگهي ٿي ۽ پيار پڻ ٿي سگهي ٿو.“

اُديه ڇا ٿي چوڻ چاهيو سو مان سمجهي ته ويس ليڪن ان هوندي به مون پڇيو، ”هيءَ چاهه ۽ پيار ڇا جدا جدا شيون آهن.“

”ها، اصل اُتر قطب ۽ ڏکڻ قطب وانگر. چاهه بلڪل عارضي ٿيندي آهي. پوري ٿيڻ جي محتاج هوندي آهي ۽ پوري ٿيڻ بعد گم ٿي ويندي آهي. ليڪن پيار ته دائمي ٿيندو آهي، نتيه ٿيندو آهي. استري ۽ پرش جي رشتي ۾ اِهو پيار ئي هڪ آڌار هوندو آهي، جو ڪڏهن بدلجندو ناهي.“ مون جڏهن ڪوبه سوال نه ڪيو ته اُديه وري چيو، ”پيار ڪنهن ڪريا جو غلام نه ٿيندو آهي. چاهه سدائين وٺندي آهي پر پيار سدائين ڏيندو رهندو آهي. پيار ائين آهي جيئن قدرتي پاڻيءَ جو چشمو، جو هڪ دفعو ڦٽو ته وهندو ئي رهندو!“

مان چپ چاپ ٻڌندي رهيس. اُديه کي شايد پنهنجي جواب مان پورو سنتوش نه مليو هوندو، انڪري جهٽ بعد پاڻئي

ڏيڻ جي جوابداري سنڀالي ۽ ڏسندي ڏسندي اکين ۾ آنسون تري آيا.

اُديءَ پنهنجي ئي هٿن سان منهنجا ڳوڙها اگهندي چيو، ”پيار ۾ جدائي اصل ٿئي ئي ڪونہ. تون منهنجي دل ۾ براجمان آهين ۽ مان تنهنجي دل ۾: تہ پوءِ دوُري ايندي ڪٿان؟ شرير ڪان من وڌيڪ سوکيم ۽ وياپڪ آهي، انڪري اسين من رستي هميشه هڪ ٻئي سان گڏ هونداسين. هي پهريون ئي دفعو هو جو اُديءَ منهنجي شرير کي ڇهيو هو. اُديءَ گهر کان ٻاهر ويندو رهيو ۽ مان کيس ڏسندي رهيس جيستائين کيس ڏسي سگهيس.

اُن ڏينهن منهنجو من بيحد خوش هو ڇڻ مون بادلن کان بہ مٿي ستارن تائين پهچڻ ٿي چاهيو. ان ڏينهن مون چڱيءَ طرح محسوس ڪيو تہ اسان جي سنٻنڌ جو ننڍڙو ٻوٽو هاڻي وڏي ورڪش بڻجي چڪو هو، جو هاڻي نہ صرف ميوا ڏيڻ لاءِ تيار هو پر ٿڌي ڇانو لاءِ پڻ قابل بڻجي چڪو هو!

ڪيترو نہ پيار ڪن ٿا! ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ پنهنجي ٻار ۾ هوُ پنهنج
ئي پاڇو ڏسن ٿا. انڪري هوُ دراصل پاڻ کي ئي پيار ٿا ڪن
هيءَ ڌارڻا جيئَن جيئَن وستار ڪندي آهي تيئَن پيار بہ وڌيڪ
وياپڪ بڻجي پوندو آهي. مهاتما گانڌيءَ جو مثال وٺ. هر
هرڪنهن پارتواسيءَ اندر پنهنجو پاڻ کي ڏٺو انڪري هن ج
پيار وياپڪ بڻجي پيو ۽ هو سڄي ڀارت سان پيار ڪرڻ لڳو
يسومسيح هر انسان جي اندر پاڻ کي پسيو انڪري هن جو پيا
سڄيءَ انسان ذات سان هو. پيار تہ پنهنجي آتما جو ئي اظها
آهي. انڪري جيڪڏهن ڪوئي چوي تہ مان ڪنهن سان پيا
ڪريان ٿو تہ اِهو سندس من جو ڀرم ڇئبو؟ پيار تہ هو پاڻ سا
ئي ڪري رهيو آهي.“

ڏاڪٽ تان ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٿيو ۽ ممي پڪوڙن
جي پليٽ ۽ چانهہ آڻي ٽيبل تي رکيا. اُديہ خوشيءَ مان رڙ
ڦاڙيندي چيو، ”اڄ تہ سڀ پڪوڙا مان ئي کائيندس. وري خبر
ناهي مميءَ جي هٿ جا ٺهيل پڪوڙا ڪڏهن ٿا کائڻ لاءِ نصيب
ٿين!“

مميءَ بہ مذاق ڪندي چيو، ”مميءَ جا پڪوڙا توکي
ايترو سٺا ٿا لڳن تہ مان روز پارسل ڪري موڪليندي رهندس.“
۽ اسان ٽيئي کلي ويناسين.

مميءَ جي هلي وڃڻ کانپوءِ اُديہ جڏهن گهر وڃڻ لاءِ
اُٿيو تہ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ دٻائيندي چيو، ”تون
خيال نہ ڪر. هي پنج سال تہ اِجهو ٿا گذري وڃن، خبر بہ نہ
پوندي تہ ڪيئَن گذري ويا.“ اُديہ شايد مون کي آٿت ڏيڻ
چاهيندو هوندو. ليڪن جواب ڏيڻ لاءِ منهنجي زبان پٿر بڻجي
وئي ۽ مان ڪجهہ بہ نہ چئي سگهيس. البت اکين جواب

وٽ ڏيندو آهي. پر جتي بہ صلاح جي يا هدايت جي گنجائش
وندي آهي، اُتي اُها بہ ڏيئي ڇڏيندو آهي، ليڪن فيصلو
ءِ بہ اڳلي جي مٿان ئي رکندو آهي. پنهنجي ان خاص سياوَ
ي ڪري، بابوجي پنهنجيءَ آفيس ۾ هڪ ڪامياب آفيسر
ڪري مڃيو ويندو آهي ۽ هرڪو کيس عزت جي نگاهہ سان
سندو آهي.

انڪري مون جڏهن بابوجيءَ سان سنياسي بڻجڻ جي
الهہ ڪئي تہ بابوجيءَ پهريائين تہ آناڪاني ڪرڻ جي
وشش ڪئي ليڪن جڏهن ڏٺائين تہ مان محڪم ارادو ڪري
ڪو هوس تڏهن سمجهائين تہ مون کي ان ڳالهہ تان هٽائڻ
شڪل هو بابوجي خود ئي چيو، ”جيڪڏهن ائين ڪرڻ ۾ تون
هنجو ڪلياڻ ٿو پائنين تہ تنهنجو پتا ڪڏهن بہ تنهن جي
ڪلياڻ جي آڏو رنڊڪ بڻجي نہ بيهندو!“

در اصل مون ڪيترا ڀيرا ان ڳالهہ تي وَرَ وَرَ ڪري پئي
وچيو آهي تہ مون جو سنياس وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي اُهو
ڪيتري قدر صحيح آهي. ان فيصلي جي ڪري مان ڪٿي
هنجي ماتا پتا سان انياءُ تہ نہ ڪري رهيو آهيان، يا مان
هنجيءَ فرض شناسيءَ جي اونچائيءَ تان هيٺ تہ ڪونہ
ڪري رهيو آهيان؟ مون هر گهڙيءَ پنهنجي وويڪ کان ان
وال جو جواب پئي گهريو آهي ۽ مون کي هروقت اِهوئي
واب پئي مليو آهي تہ سچ جي ڳولها ۾ نڪري پوڻ ڪو
وارث جو ڪم ناهي. اِهو تہ هرڪنهن جي جيون جو مقصد
ئڻ گهرجي، ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن جو ساٿ
ڏڻو پوي، اُهو تہ سوڀاويڪ آهي. ليڪن منهنجي ائين ڪرڻ
ڪري ڪن کي دک ٿيندو، ان لاءِ مون انهن کان انهن جي

”اُديہ“

مون جڏهن آشرم جي سوامي جيءَ سان برهمچاري بڻجڻ ۽ سنياس وٺڻ جي ڳالهہ ڪڍي تہ سوامي جيءَ پهرين تہ مون کي بي همٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن منهنجو اٽل نشچو ڏسي سوامي جيءَ منهنجي ڳالهہ قبول ڪئيءَ مون کي سمجهائيندي چيو، ”تون تيستائين سنياسي نٿو بڻجي سگهين جيستائين تو انهن سيني جي آگيا نہ ورتي آهي جن ڏانهن تنهنجا فرض اڃان بہ باقي رهيل آهن. جيڪڏهن تون انهن مان هڪ جي بہ موڪل بنان سنياس آشرم ۾ ايندين تہ تنهنجو ڪلياڻ تہ نہ ٿيندو الٽو تون پاپ جو اڌڪاري بڻجي پوندين.“ سنياس ۾ اچڻ جو هي سخت قانون آهي، جو سيني کي پالڻو پوندو آهي. خود جڳت گرو شنڪراچاريہ پڻ سنياس وٺڻ تيستائين ٽاري ڇڏيو جيستائين سندس ماتا کيس سنياس وٺڻ جي آگيا نہ ڏني هئي.

مون سوچي ڏٺو تہ مون کي لڳو اهڙا ٽي شخص هئا جن کان آگيا يا سهمتي وٺڻ بيحد ضروري هو. هڪ هيو بابوجي، ٻيو هئي ممي ۽ ٽيون نمرتا جن ڏانهن منهنجا فرض اڃا بہ باقي رهيل هئا.

بابوجي هردي جو وشال ۽ اُدار آهي. هوُ ڪنهن تي بہ پنهنجو ويچار مڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي. هوُ هرڪنهن کي پنهنجيءَ سوچ ۽ پنهنجيءَ ويچار ڌارا مطابق هلڻ جي

ايندو آهي ۽ تون ڇا ڪري رهيو آهين سو بہ ڇٽيءَ طرح ڏسڻ
ايندو آهي. هي شايد انڪري ممڪن آهي جو اسان جا من
ڳنڍجي هڪ ٿي ويا آهن. جو تنهنجي من ۾ آهي سوئي
منهنجي من ۾! هڪڙي ٻي خط ۾ لکيو هئائين - هي هوائون
جو سرسر ڪري اچي منهنجي شرير کي ڇهن ٿيون تن ۾ بہ
تنهنجي ڇهاوَ جي سڳنڌ ڀريل آهي. هي هوائون ڪنن وٽان
لنگهندي تنهنجون ئي ڳالهيون ٻڌائي وڃن ٿيون. مان ان
کي نمرتا جو جذباتي اظهار نہ سمجهي سندس سچي پريم
جو چشمو سمجهندو هوس جنهن جي نرمل ۽ شيتل جل ۾ ٻڏجي
مان اسيم آنند جو احساس ڪندو هوس.

استري جڏهن سمرپڻ ڪندي آهي تہ سندس سمرپڻ
سدائين سمپورڻ ٿيندو آهي، سچو ئي هوندو آهي. ان ۾ ڪابہ
ملاوت يا ڪو شرط مڙهيل ڪو نہ هوندو آهي. نمرتا جو سمرپڻ
پڻ اهڙي درجي جو هو. دهليءَ جي چائنٽ تي ٽڏين اجا پير
بہ ڪونہ رکيو هو تہ نمرتا وٽان هڪ پارسل اچي پهتو. پارسل ۾
مون واسطي گرم ڪپڙا هئا. هڪ ڦل ٻانهن سان پل اوور، پيرن
جا جوراب، هٿن جا دستانا جي نمرتا پنهنجي هٿن سان ناهيا
هئا ۽ پوري شرير کي ڍڪڻ واسطي هڪ گرم شال پڻ موڪلي
هئائين. مون ٽوڪزني ڪندي ڏانهنس لکيو هو . مون تہ توکي
پنهنجو جيون ساٿي سمجهي چونڊيو هو ليڪن تو تہ مميءَ
جا فرض پالڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن! موٽ ۾ نمرتا لکيو هو -
استري جڏهن سمرپڻ ڪندي آهي تہ اُهو مڪمل هوندو آهي،
اڌوگابرو نہ. هن وقت منهنجي دل ۽ دماغ تي هڪ تون ئي
ڇانيل آهين تہ توکانسواءِ ٻيو ڪجهہ سوچي بہ ڪيئن ٿي
سگهان؟ نمرتا ائين بہ لکيو هو- منهنجي هٿن جو اُٽيل هي

سهمتي تي گهرڻ چاهي جيئن هوُ بہ منهنجي فيصلي ۾
هڪجهڙا ياٿي پائيوار بڻجي سگهن.
بابوجيءَ کان وڌيڪ چنتا مون کي مميءَ جي هئي. مون
چاتو ٿي تہ جنهن موهہ جي ڪارڻ مميءَ مون کي پنهنجي
ساهہ جو حصو بڻائي ڇڏيو هو، سا ماءُ مون کي اکين کان ڪيئن
دور سهي سگهندي؟ جنهن ماءُ پنهنجي هردي ۾ حسرتن ج
سوين سهڻا سپنا سجائي رکيا هئا، سان انهن سپنن جو پنگ
ٿيڻ ڪيئن سهي سگهندي؟ ليڪن سوامي جيءَ مميءَ کي
سمجهائي منهنجو ڪم بيحد آسان ڪري ڇڏيو هو.
باقي رهي نمرتا. ان کان رضامندي وٺڻ جي ڳالهہ
سوچيندي ئي منهنجي همت موڪلائي ٿي ويئي. بابوجيءَ ۽
مميءَ کان موڪل گهرڻ ۾ منهنجو ويڪ بلڪل صاف هو ۽
ڪنهن بہ قسم جي ڇهنڊڙي ڪو نہ ٿي پئي، ليڪن نمرتا جو
خيال ايندي ئي مان پاڻ کي جڻ گنهگار ٿي محسوس ڪيو،
جڻ تہ ڪو ڀاري ڏوهہ ڪيو هجي جو معافيءَ جي لائق ناهي.
در اصل گذريل ڪن سالن ۾ اسين هڪ ٻي جي بيحد
نزديڪ پهچي ويا آهيون ۽ ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ
تہ ساهہ بہ اسين گڏ کڻي رهيا آهيون ۽ اسانجون دليون بہ جڻ
هڪ ئي وقت ڌڪ ڌڪ ڪنديون هجن. جڏهن مان دهليءَ ۾
هوس تہ نمرتا اهڙي ئي نموني هڪ دفعي پنهنجي پتر ۾
لکيو هو. لکيو هئائين- مان هت جيئري آهيان ۽ ساهہ ٿي
کڻان اِهو انڪري آهي جو تون اُتان ساهہ ڦوڪي رهيو آهين؛
ورنا مان تہ پنهنجي هستي ڪڏهن کان وڃائي چڪي آهيان،
تو ۾ سمائجي چڪي آهيان. هڪ ٻي خط ۾ لکيو هئائين -
مان جڏهن چنڊ ڏسندي آهيان تہ ان ۾ تنهنجو ئي پاڇو نظر

ڏائڻ شروع ڪيو.

چيائين، ”ڪالهه رات سپني ۾ ڏٺو تہ اسين ٻئي هڪ جهيل ۾ ٻيڙي هلائي سئر ڪري رهيا آهيون. آسمان ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙيل آهي جنهن ڪري چوڌاري چانڊاڻ ڇانيل آهي. جهيل جو پاڻي بہ چڻ رجيل چانديءَ وانگر چمڪي رهيو آهي. هلڪي هلڪي هوا لڳي رهي آهي ۽ رکي رکي ڪوريءَ جي هوڪار پئي ٻڌڻ ۾ اچي. اوچتو ئي اوچتو ڪارا ادل مڙي وڃن ٿا ۾ آسمان ۾ اونڌڪار ڇائنجي وڃي ٿو. هوا جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي ۽ رکي رکي بجليءَ جا خوفناڪ چمڪات ٿين ٿا. اسين ٻيڙيءَ جو رک ڪناري طرف ڪيون ا. ليڪن ٻيڙي ڪنهن مضبوط چپ سان ٽڪرائجي ٽٽي پوي ي. اسين ٻئي پاڻيءَ ۾ ڪري پئون ٿا، ليڪن هڪ ٻئي سان ڀنجي ڪناري طرف اچڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ڪناري ي پهچڻ بعد مان ڏسان ٿي تہ تون نانگ ٻڻجي پوين ٿو ۽ رواري ٻوٽي ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو. ان وقت هڪ پيلا ڪپڙا پهريل جوڳي اچي ٿو جو پنهنجي مرلي وڄائي وڪي پنهنجي ٽوڪريءَ ۾ بند ڪري هليو وڃي ٿو. مان هٽيون ئي ڏانهون ڪريان ٿي، ليڪن ڪو بہ ٻڌڻ وارو ڪونهي. مان جوڳيءَ جي پٺيان هلندي رهان ٿي ليڪن هو عڪدم غائب ٿي وڃي ٿو ۽ مان ڇرڪ ڀري اُٿي ويهان ٿي.“

مون ڏٺو تہ سپني کي بيان ڪندي ڪندي نمرتا جو شرير ڪنبڻ لڳو هو ۽ سندس چهري تي هلڪي پگهر جون بوندون مڙي آيون هيون. مون وري بہ کيس ٽوڪيندي چيو، ”تون تہ لائي ڇو سپني کي بہ سچ سمجهي پريشان ٿي رهي آهين. ڳي تو تہ هاڻي تنهنجو لڳاءُ موهہ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي، ۽

سويٽر جڏهن تون پائيندين ته توکي منهنجي ڇهاءَ جو بخوبي احساس ٿيڻ لڳندو.

مون کي جلد ئي ائين محسوس ٿيڻ لڳو هو ته نمرتا جو مون لاءِ جُهڪاءُ ۽ لڳاءُ ڏينهون ڏينهن ويو پئي وڌندو ۽ اڳتي هلي ان مان کو موهه جو وڪار نه پيدا ٿي وڃي، ان لاءِ مان گهبرائجي به رهيو هوس.

مان ڪاليج جي موڪلن ۾ گهر آيل هوس جو هڪڙي ڏينهن صبوح صبوح جو نمرتا اچي پهتي. سندس چهري تي هراس جا آثار نمودار هئا ۽ هوءَ بلڪل گهبرايل ٿي لڳي. مون کيس پنهنجي ڪمري ۾ ويهاري پڇيو ته ڇا ڳالهه هئي ۽ هوءَ ائين گهبرايل ڇو ٿي لڳي؟

نمرتا روئڻهارڪي نوع ۾ چيو هو، ”مون هڪ خراب سپنو ڏٺو آهي.“

مون پنهنجي سياءَ موجب وڏو ٽهڪ لڳائيندي ۽ ٺٺولي آميز آواز ۾ چيو، ”سپنو ته آخر سپنو ئي ٿيندو آهي، حقيقت ٿوروئي ٿي پوندو؟ تون ڇو ائين ناحق پريشان ٿي آهين؟

منهنجي دلداريءَ ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏيندي نمرتا چيو، ”سپنو بلڪل ئي ڀيانڪ آهي، ڪجهه ته ڪرڻو پوندو؟“

مون پڇيو، ”آخر ڇا ڪرڻو پوندو؟ تون ته سپني کي به سچ سمجهي ويٺي آهين!“

چيائين، ”مندر ۾ هلي پوڄا ڪرائڻي پوندي جئن سپني جو ڀيانڪ اثر نشٽ ٿي وڃي.“

مون ڪائنس ڪلي پڇيو، ”پهريائين پنهنجو ڀيانڪ سپنو ته ٻڌاءِ، جنهن توکي هيترو پريشان ڪيو آهي.“

نمرتا هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ پوءِ وستار سان پنهنجو سپنو

تيندو. اِهو سوچيندي منهنجو من ڳلانيءَ سان ڀرجي تي ويو.

مان وڏي ئي اسمنجس جي حالت ۾ هوس تہ ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح نمرتا سان ڳالهہ ڇوريان. نمرتا سانتيڪي سياڻي آهي، عقلمند آهي، اِهو تہ مون چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي، ليڪن جنهن شدت سان هن مون کي چاهيو ٿي، مون کي انديشو ٿي رهيو هو تہ ڪٿي هوءَ اوور رئيڪٽ (over react) نہ ڪري وهي ۽ ڪٿي سندس دل کي ڌڌڪو نہ پهچي وڃي.

ان ڏينهن مان آفيس مان اچي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪري رهيو هوس تہ هيٺ نمرتا جي اچڻ جو آواز پڌو. اڄڪلهہ هوءَ بنان ٻڌائڻ جي ئي اوچتو اچي نڪرندي آهي. اڄ گجرن جو حلوو آندو هئائين جو هن پنهنجن هٿن سان مون لاءِ ناهيو هو ڇو تہ خبر هيس تہ گجرن جو حلوو مان وڏي چاهہ سان کائيندو آهيان. هونءَ تہ نمرتا جلد ئي مميءَ کي پتائي جلد ئي منهنجي ڪمري ۾ اچي ويهندي آهي، ليڪن هن دفعي ائين ڪونہ ٿيو. جيئن جيئن نمرتا جي اچڻ ۾ دير ٿيڻ لڳي تيئن تيئن منهنجو انديشو وڌڻ لڳو تہ ڪٿي ممي ڪيس سڀ ڪجهہ نہ ٻڌائي ويهي، ڇو تہ مون نہ ٿي چاهيو تہ منهجي هن فيصلي جي خبر ٻيو ڪوئي نمرتا کي ٻڌائي. منهنجو انديشو ٺيڪ ئي نڪتو، مميءَ نمرتا کي منهنجي باري ۾ ۽ منهنجو سنياسي ٿيڻ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. انڪري نمرتا جڏهن ٿوري دير ڪانپوءِ منهنجي ڪمري ۾ آئي تہ سندس چهرو پيلو پئجي چڪو هو جڻ تہ ڪا هٺڌ پيتي هجائين.

نمرتا هينان ئي ٻہ پليٽون کڻي آئي هئي. حلوو ٻنهي پليٽن ۾ ورهائي هڪ پليٽ مون کي کائڻ لاءِ ڏني ۽ پاڻ ٻہ ڪا چون چرا ڪرڻ بنان آهستي کائڻ لڳي. مون حلوو

موهي انسان کي هميشه اُها شيءِ وڃائي ويهڻ جو ڊپ لڳند
آهي جنهن کي هو سڀ کان وڌيڪ پائيندو آهي. تنهنجو سپن
به ان موهه جو ڪارڻ آهي.''

ان وقت پلي ئي مون ان سپني کي مزاق ۾ اُڏائي
موهه جو نالو ڏنو هو ليڪن اهو سچ آهي ته ڪڏهن ڪڏهن
پوشيده جون گهٽنائون چيتاوني بڻجي ظاهر ٿينديون آهن، جن
جو مطلب گهڻو پوءِ سمجهه ۾ ايندو آهي. ٿي سگهي ٿو ت
نمرتا جي اچيتن من ۾ اِهو سپنو يا ڊپ پلجندو هجي ته هڪ
ڏينهن مان جوڳي بڻجي ڪنهن ٻي جوڳيءَ سان گڏ هليو ن
وڃان ۽ اِهو ڊپ هڪ ڏينهن سندس سپني جو ڪارڻ بڻجي پيو
هجي! اڄ جي سِندرڀ ۾ نمرتا جو سپنو معنيٰ خيز هو. ان
سپني سبب نمرتا جي من جو لڪل ڊپ جڏهن ظاهر ٿي ٻاهر
آيو، سو ٿيستائين نه لٿو جيستائين اسان ٻنهي گڏجي وڃي
مندر ۾ پوڄا ارچنا نه ڪئي!

نمرتا من وچن ۽ ڪرم سان مونکي پنهنجو ڪري چڪي
هئي ۽ هاڻي مان ئي سندس جيون جو مقصد ۽ جيون جو مرڪز
بڻجي چڪو هوس. سندس من ۾ مون واسطي جي ڀاوناڻون
هيون تن جي مونکي پوري پوري ڄاڻ هئي. هن به هڪ ساڌارڻ
استريءَ جيان هن جيون ياترا ۾ پنهنجي ڀاوي جيون جا
اڪيچار درشيه ڏنا هوندا ۽ ڪن سهڻن سپنن جي ساڪار ٿيڻ
جو تصور ڪيو هوندو. هن به هڪ عام استريءَ جيان پنهنجي
من ۾ ڪي اُڌما ۽ ڪي امنگ سنواري رکيا هوندا، جن جي
پوري ٿيڻ جو هوءَ بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهي هوندي.
اهڙيءَ حالت ۾ مان وڃي ڪيس چوان، ''نمرتا ، الوداع! مان
ته سنياس وٺي وڃي رهيو آهيان''، ڪيڏو نه ساڻس فريب

انپي ويئي، چيائين، ”تون شايد سوچيندو هوندين ته تنهنجي
علي وچڻ کانپوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟“
مان چاهيندي به ساڻس اکيون ملائي نه سگهيس. نمرتا
نهنجي ئي سوال جو پاڻ جواب ڏيندي چيو، ”هونءَ ته تون
يار جون وڏيون ڳالهيون ڪندو آهين ته پيار ٻن شريرن جو
ملڻ نه پر ٻن آتمائن جو ملڻ آهي؟ ته پوءِ هاڻي هن خسيس
ڳالهه تي ڇو اٽڪيو آهين؟ توکي سنسار ڇڏي سچ جي
ڳولها ڪرڻي آهي ان ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي؟ ان لاءِ تون
پاڻ کي مجرم جيان ڇو سمجهي رهيو آهين؟“
مون ڏنو ته اِهو چوندي نمرتا جي دل ڀرجي آئي.
منهنجي ڪجهه چوڻ بنان ئي نمرتا وري چيو، ”مان جسماني
طرح توکان الڳ ٿي به توکان جدا نه ٿي سگهندس. مان ته
سدائين سمجهندي آهيان ته تون هميشه منهنجي آڏو آهين،
منهنجي اکين جي سامهون آهين. تون ڪڏهن به مون کان
جدا نه ٿي سگهندين، جسماني طرح تون ڀلي ڪٿي به هجين!
انڪري تون منهنجي لاءِ ايترو نه سوچ جو توکان تنهنجي منزل
ئي ڀلجي وڃي!“
مون کي ڳالهائڻ جي ڪجهه همت ٿي، پر صرف ايترو
ئي چئي سگهيس، ”نمرتا، اِها تنهنجي وڏائپ آهي جو تون
ائين چئي رهي آهين.“
نمرتا مونکي وچڙ ئي ڪٽيندي چيو، ”وڏائپ ته
تنهنجي ليکجڻ گهرجي؛ ورنا هن عمر ۾ دنيا جا سک سهنج
ڇڏي سچ جي ڳولها ۾ نڪري پوڻ ڇا هرڪنهن جي وس جي
ڳالهه آهي؟ مان ڄاڻان ٿي ته سچ کي ڄاڻڻ لاءِ تنهنجي اندر
۾ ڪيتري نه آنڌ مانڌ آهي ۽ جيستائين تون پنهنجي مقصد

ڪائيندي چيو، ”حلوو تہ شاندار نهيو آهي، ليڪن ڪهڙيءَ خوشيءَ ۾ ٺاهيو اٿيئي؟“

نمرتا منهنجي سوال جو جواب نہ ڏيئي، پنهنجي پليٽ هيٺ رکي ڇڏي ۽ منهنجو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهليندي مٺيءَ پاٻوهہ سان چيو، ”اُديہ، مان ڪيتري وقت کان توکي گم سم ڏسي رهي آهيان، شايد تون ڪجهہ چوڻ چاهين ٿو ليڪن چئي نٿو سگهين. اڄ تہ ائين ڪو نہ ٿيو آهي. تون تہ هرڪا ڳالهہ مون سان خود اچي شيئر ڪندو آهين، پوءِ هن دفعي هيءَ ڳالهہ ڇو لڪائي ويٺو آهين؟“

مون سمجهي ورتو تہ مميءَ کيس سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي. مون تہ سوچيو هو تہ جڏهن بہ نمرتا کي منهنجي سنياسي بڻجڻ جي خبر پوندي تہ مون تي غصو ڪندي ۽ مون کي ڏوراپا ڏيئي چوندي- سنياسي بڻجڻو هوءِ تہ پوءِ پيار ڇو تي ڪيئہ؟ پيار جا وڏا وڏا انجام ڇو تي ڪيئہ؟ ليڪن منهنجي هن انديشي جي خلاف جنهن طرح نمرتا مون سان همدردي جتائي تنهن مون کي سچ پچ عجب ۾ وجهي ڇڏيو.

مان نمرتا جي سوالن جو جواب نہ ڏيئي چپ چاپ ويهي رهيس يا ائين چئجي تہ منهنجي زبان بي جان ٿي ويئي جنهن مان ڪو بہ لفظ نہ نڪري سگهيو. نمرتا وري بہ محڪم ارادو ڏيکاريندي چيو، ”توکي تہ مون مٿان يقين هئڻ گهرجي تہ مان تنهنجي هر خواهش پوري ڪرڻ جي قابل آهيان .... مميءَ مون کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي.“

مون ڇرڪ ڀري پنهنجو هٿ نمرتا جي هٿن مان ڇڏائي ورتو.

منهنجي من ۾ ٿيندڙ هلچل کي نمرتا شايد چڱيءَ طرح

ڪلياڻ آهي، اِهو مان چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿي. پيار صرف چوڻ
جي ڪوئلي ڳالھہ ناهي. اڄ پيار ۾ جڏهن ڪجهہ ڏيڻ جي
ڳالھہ آئي آهي تہ مان پنهنجو سڀ ڪجهہ ڏيڻ چاهيان ٿي
۽ ان ۾ ئي منهنجو پروپڪار آهي.''
نمرتا جي من ۾ سک جي ڌارا هئي يا دک جي، سو
مون لاءِ چوڻ بيحد مشڪل هو، ليڪن مون ڏٺو تہ ڪنهن فخر
جي احساس سبب سندس ڳل لعل ٿي ويا ۽ سندس اکين مان
عجيب روشني چمڪڻ لڳي!
مون آهستي سان چيو، ''نمرتا، تنهنجو هي احسان،
مان هن جنم ۾ تہ ڇا، ايندڙ ستن جنمن ۾ بہ آڻانيءَ سان
لاهي ڪونہ سگهندس. تون تياڳہ ۽ قربانيءَ جي ساکيات ديوي
آهين!''
نمرتا چيو، ''ان کي احسان چئي، تون منهنجي پيار
جو نرادر نہ ڪر. نہ ئي مون ڪا قرباني ڪئي آهي يا ڪو
تياڳہ ڪيو آهي. توکي پائي مون هميشهہ ائين محسوس ڪيو
آهي گويا منهنجو جنم پورڻ ٿي ويو هجي، مان ڌنيہ ٿي ويئي
هجان!'' ۽ نمرتا اڻ لڪائيندو مشڪي ڏنو.
مون ٿورو هٻڪندي چيو،''مان نٿو ڄاڻان تہ مان ڪيتري
قدر صحيح آهيان، ليڪن اهو منهنجو پڪو ويچار آهي تہ
هن سرشٽيءَ ۾ يگن کان پرش هميشهہ ئي استريءَ کان تياڳہ
۽ قربانيءَ جي تقاضا پئي ڪندو رهيو آهي، خبر ناهي ڪهڙي
اڌڪار سان؟ ۽ استري هميشهہ کلندي کلندي پنهنجو سڀ
ڪجهہ پرش کي ڏيندي رهي آهي. اڄ مان بہ پاڻ کي انهن
سوارٿي پرشن جي قطار ۾ بيٺل ڏسي رهيو آهيان!''
نمرتا منهنجي اڳيان وڌي آئي ۽ منهنجي منهن تي

۾ سوپارو نہ ٿيو آهين تيستائين توکي هي سک ايوڳا ۽ ڦڪ
تي لڳندا؛ ۽ مان سوارٿي بڻجي، پنهنجي سک جي خاطر
توکي ائين ڪرڻ کان روڪي تنهنجي دک جو ڪارڻ بڻجان،
اهو مون کان بنهہ نہ ٿي سگهندو! پيار تہ آزاديءَ جو ٻيو نالو
آهي، غلاميءَ جو نہ. ۽ تون هميشهہ مون کي اِهو سيکاريندو
رهيو آهين. مان توکي غلام بڻائي ڪيئن سکي ٿي سگهندس؟''
مون تہ پهريائين ائين سمجهيو هو تہ نمرتا جڏهن
منهنجي ڪيل فيصلي بابت ٻڌندي تہ اچي مون سان وڙهندي،
مون سان جهڳڙو ڪندي، منهنجي فيصلي جو مزاق اُڏائيندي
۽ پنهنجي پيار جو قسم ياد ڏياري پنهنجي حسرتن جو واسطو
ڏيندي. ليڪن اهڙو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو، تنهن مون کي عجب
۾ وجهي ڇڏيو. سندس من گهڙيءَ واسطي بہ ودروهہ نہ ڪيو
تہ مان ڇا ڪري رهيو هوس. هتان مونکي پنهنجي قدم تان
هٽائڻ بجاءِ هوءَ منهنجي پريرڻا جو ڪارڻ بڻجي پيئي.
مون چيو، ''مون کي صرف ان ڳالهہ جو اُلڪو رهندو تہ
مان تنهنجا سونهري سپنا، جي اسان ٻنهي گڏ ويهي اُڻيا هئا،
سي پورا نہ ڪري سگهيس.''
نمرتا بيحد گنڀيرتا ڀرئي نوع ۾ چيو، ''هڪ ڏينهن تو
ئي ٻڌايو هو تہ جڳت مٿيا آهي، هڪ سپنو آهي. ان سپني ۾
هڪ ٻيو سپنو ڏسڻ ڪهڙي قسم جي عقلمندي چئبي؟'' مان
حقيقت کان انڪار نہ ٿي ڪري سگهيس.
مون کي اِهو سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ نمرتا کي ڪهڙو
جواب ڏيئي دلداري ڏيان. هوءَ تہ خود مون کي دلداري ڏيئي
رهي هئي. چيائين، ''تون مون واسطي ڪنهن بہ قسم جو فڪر
نہ ڪر. جنهن ڳالهہ ۾ تنهنجو ڪلياڻ ٿئي، ان ۾ ئي منهنجو

”نامديو - ٢“

هي ٻاهريون سنسار، جنهن کي اسين جڳت چئون ٿا، جنهن ۾ سج چنڊ تارا، آڪاش پرٿوي، هوا ۽ پاڻي اچي وڃن ٿا؛ سو سڀني لاءِ ساڳيو آهي. ان جي اُپائڻ ۾ اسانجو ڪوبہ هٿ ڪونهي. ليڪن اندريون سنسار، جنهن ۾ اسان جا ويچار، اسان جا رشتا، اسان جا ٻنڌن، اسانجون حالتون ۽ اسان جا سنٻنڌ اچي وڃن ٿا، ان جو اُپائيندڙ هرڪو شخص پاڻ آهي. انڪري اندريون سنسار هرهڪ لاءِ جدا جدا آهي. جو منهنجو سنسار آهي سو تنهنجو ڪونهي ۽ جو تنهنجو سنسار آهي سو منهنجو ٿي نٿو سگهي. گايتريءَ جو سنسار بہ سندس ئي اُپايل سنسار آهي.

گايتريءَ پنهنجي سيني تي پٿر رکيَ اُديہ کي سنياس وٺڻ لاءِ رضامندي تہ برابر ڏني، ليڪن اُديہ جي هليو وڃڻ ڪانپوءِ سندس جدائي ڪائنس برداشت نہ ٿي سگهي. هڪ پل لاءِ بہ مون سندس چهري تي مشڪ ڪونہ ڏٺي آهي. لڳندو آهي ڄڻ تہ ڪنهن گهور سنتاپ ۾ پيسجي رهي آهي. من ۾ خوشي ناهي تہ صحت جو بگڙجي پوڻ سياويڪ آهي. جڏهن جڏهن اُديہ جي ياد ايندي اٿس تہ سڏڪا ڀري روئي ويهندي آهي ۽ اڪثر مون مٿان ئي غصو ڪري چوندي آهي تہ جيڪڏهن مان پڪو ٿيان ها تہ اُديہ ڪڏهن بہ وڃڻ جي جرئت نہ ڪري سگهي ها. مان بہ چپ چاپ ٻڌندو آهيان، پر ڪو جواب نہ ڏيئي

پنهنجو هٿ رکندي چيو، ”اُديہ، ائين اصل نہ چوءُ. تون جنهن
کي تياڳہ ۽ قرباني ٿو چئين، سا تہ سچ پچ منهنجي جيون لاءِ
سؤڀاڳہ جي ڳالهہ آهي. مون کي خوشي ٿيندي تہ هن جيون ۾
تنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪري سگهان!“ چوندي چوندي نمرتا جي
دل ڀرجي آئي ۽ هن پنهنجي اکين ۾ تري آيل موتي لڪائڻ
لاءِ پنهنجو منهن ٻي طرف ڦيري ڇڏيو.

اڄ تائين مون نمرتا کي عزت ۽ آدر جي ڀاوَ سان ڏٺو
هو ليڪن اڄ اهو آدر ۽ عزت شرڌا ۾ بدلجي ويا، ۽ مون چاهيو
ڪاش پنهنجي شرڌا ظاهر ڪرڻ لاءِ نمرتا جي چرنن جي ڌوڙ
پنهنجي مستڪ تي لڳائي نهال ٿي وڃان!

نمرتا جڏهن اُٿي ۽ وڃڻ چاهيو تہ مون سندس هٿ
روڪي چيو، ”نمرتا، مان سدائين توکان ورتو آهي ۽ سدائين
وٺندو ئي رهندس. سنياسي بڻجي جيڪڏهن هن شهر ۾ اچڻ
ٿيو تہ بکشا لاءِ بہ تنهنجي دروازي تي اچي سئن هڻندس ۽
تنهنجو ئي ڏنل کائيندس. اِهو منهنجو توسان پڪو پرڻ
آهي.“ ۽ ائين ئي نمرتا منهنجي اکين جي سامهون ويندي
رهي ۽ مان کيس ڏسندو ئي رهيس.

۾ نہ ٿي سگهي. هوءَ چوندي آهي، ”اُديہ مون کي اوتروئي
پيار ڏنو جيترو مان کيس ڏيان ٿي. ڀل هو جسماني طرح هت
ڪونہ آهي، ليڪن سندس پيار جئن جو تئن منهنجي هردي
۾ برقرار آهي. هو جتي بہ هوندو مون کي پيار ڏيندو رهندو.“

نمرتا هڪ پرائيويٽ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندي آهي
جا کيس پنهنجي پاءُ پرمود وٺي ڏني آهي، ليڪن گهڻو ٽٽو
ٽائيم هوءَ مشن جي ڪم واسطي ڏيندي آهي، جتي اُديہ نت
نيم سان ويندو رهندو هو. مشن جي ٻال وڪاس جو سمورو
ڪاروبار پنهنجي هٿ ۾ کڻي هوءَ مشن جي مکيہ ڪاريہ ڪرتا
بڻجي ويئي آهي. ٻال وڪاس ۾ ڪيترائي ئي ننڍڙا ننڍڙا
معصوم ٻار ڪنا تيندا آهن جن جي چريتر کي نئون روپ ڏيڻ
جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. کين ننڍيون ڌارمڪ ڪهاڻيون
ٻڌائي ۽ گيت ڳارائي نوان نوان سنسڪار ڏنا ويندا آهن. ٻار
جڏهن طوطليءَ زبان ۾ ويدن جا منتر پڙهندا آهن يا گيتا جا
شلوڪ ياد ڪندا آهن، تڏهن ائين لڳندو آهي گويا پراڻي
زماني وارا گروُڪل وري شروع ٿي ويا آهن. اُهي ننڍڙا معصوم
ٻار جڏهن نمرتا جي گلي ۾ ٻانهون وجهي کيس ”ديدي“
ڪري سڏيندا آهن، تڏهن نمرتا پنهنجا سمورا ڏک ڀلائي، هڪ
عجيب آنند جو احساس ڪندي آهي!

نمرتا اسان وٽ اڪثر ايندي رهندي آهي. جيڪڏهن
گهٽا ڏينهن پئجي ويندا آهن تہ اسين کيس فون ڪري
گهرائي وٺندا آهيون. گايتري کيس خوب ڀائيندي آهي. شايد
نمرتا ۾ هوءَ پنهنجي اُديہ جو عڪس ڏسندي هوندي. مون
ڪيترائي ڀيرا ڏيان سان ٻڌو آهي ۽ ڏنو آهي تہ ٻنهي جي
گفتگوءَ جي مرڪز هميشہ اُديہ ئي هوندو آهي.

سگهندو آهيان، نہ ئي سندس دل کي کو آٿت ڏيئي سگهندو
آهيان. ليڪن وقت وڏو طبيب آهي، وقت سان دل جا گهرا
زخم بہ ڀرجي وڃن ٿا. ائين چيو ويندو آهي تہ سمرتي (ياد
اچڻ) جيڪڏهن قدرت جي نعمت آهي تہ وسمرتي (وساري
ڇڏڻ) بہ قدرت جي اوتري ئي وڏي نعمت آهي.جيڪڏهن و
سمرتي نہ هجي ها تہ دل مٿان لڳل گهاوَ جيڪر هميشہ لاءِ
ساوا رهجي وڃن ها ۽ زندگي وبال بڻجي پوي ها.

زندگيءَ ۾ مختلف حالتون هڪ سونهري موقعو بڻجي اچن
ٿيون. هڪ شخص انهن جي هيٺان دٻجي وڃي ٿو ۽ ڀڄڪي
پوي ٿو، ليڪن هڪ ٻيو شخص انهن حالتن کي هٿيار بڻائي
جيون جي مقصد لاءِ دڳ ناهي وٺي ٿو. گايتري حالتن جو مقابلو
نہ ڪري سگهي جنهن جي ڪري ڪيس دک مليو، ليڪن نمرتا
ساڳيءَ حالت کي پنهنجو هٿيار بڻائي جيون جو مقصد حاصل
ڪري ورتو.

اُديہ جي هليو وڃڻ کانپوءِ، نمرتا جي مميءَ ۽ سندس
پاءُ پرمود هن جي مٿان ڪافي زور ڀريو تہ نمرتا شادي ڪري،
اسان بہ ڪيس خوب سمجهايو، ليڪن نمرتا بلڪل ئي نہ مڃيو.
سندس هڪڙوئي ٺوڪ جواب هو تہ ڀارت جي ناري صرف هڪ
ئي پرش سان پيار ڪندي آهي ۽ هڪ سان ئي شادي ڪندي
آهي. جا هن اُديہ سان ڪري ڇڏي هئي. ڀلي سماجڪ رسمون
پوريون نہ ٿيون هجن ليڪن ٻن دلين جو ميلاپ رسمن جو پائنب
ڪونہ ٿيندو آهي. نمرتا جي ان جواب کي ڪنهن چوٽ کاڌل
شخص جو اجايو ضد چئي سگهجي ٿو، ليڪن حقيقت ائين
نہ آهي. نمرتا جي من ۾ اُديہ واسطي ايترو تہ پيار ۽ شرڌا
ڀريل آهي جو هوءَ ان هردي ۾ ٻي ڪنهن کي ڏسڻ لاءِ سوچي

بر ڇپيل هئي ۽ ان سان گڏ اُديہ جو سواميءَ جي روپ ۾ فوٽو
ڇپيل هو. مان تڪڙو تڪڙو اخبار ۾ ڇپيل سماچار پڙهڻ لڳس.
بر ۾ ڄاڻايل هو تہ هتان جي مشن جي پاران سٺن ڏينهن جي
يان يگيہ جو پربنڌ ڪيو ويو هو، جنهنجو اڌگهاٽن مشن جو
وامي شرڌانند اڇي ڪندو ۽ سٺئي ڏينهن شام جو پنهنجو
يتا تي پروچن ڪندو رهندو. سيني کي اچڻ جي ڪوٺ ڏنل
ئي.

گايتريءَ ٻڌو تہ ڳلن جيان تڙي پيئي ۽ خوشيءَ ۾ اچي
مرتا کي ڀاڪر پائي چمي ورتو. ائين ٿي لڳو ڄڻ سندس
هن سالن جو اوسيڙو نہ پر ڪو يڳن جو تپ پورو ٿيو هو! مون
انهن منهن ڪري چيائين، ”پوءِ تہ مان ڪيس گهر وٺي ايندس
ساڻس خوب ڳالهيون ڪندس. هيترا سال گذري ويا آهن جو
ن منهنجي هٿ جو رڌل ڪجهہ بہ ڪونہ کاڌو آهي. مان ڪيس
ندس من پسند ڀوڄن ٺاهي پنهنجن هٿن سان خود
ارائيندس.“

اسان گايتريءَ کي خوب مزي سان ڏسي رهيا هياسين.
ن جي جذبات جو سلسلو اڃا بہ تيز ٿي ويو ۽ هن مون ڏانهن
سي چيو، ”مان ساڻس ڍير ساريون ڳالهيون ڪندس تہ مون سندس
ندائيءَ ۾ هيترا سال ڪيئن گذاريا آهن. ڀلي ئي هوُ هاڻي سوامي
رڌانند بڻيو آهي ليڪن منهنجي لاءِ تہ اُهوئي پٽ اُديہ آهي.
ان ڪيس ڀاڪر پائي چميون ڏيندس.“ جيتري خوشي ماتا
سودا کي ڪرشڻ جي متر ا ۾ واپس اچڻ تي ٿئي ها، شايد
ن کان وڌيڪ گايتري خوش نظر آئي! جسودا لاءِ ڪرشڻ بہ تہ
مرف ڪرشڻ ئي هو، هڏ ماس وارو ڪرشڻ، هنجو پنهنجو
ٽ ڪرشڻ! هن بہ تہ ڪرشڻ کي ڪڏهن ڀڳوان ڪري نہ ڏٺو.

هتان هليو ويڃڻ کانپوءِ، پهريائين ٽي سال تہ اُديہ مشن جي مکيہ آشرم ۾ برهمچاري ٿي رهيو جتي کيس سيني مکيہ شاسترن جو ابياس ڪرايو ويو. اسان ڏانهن ڪو خط پٽ تہ ڪونہ لکندو هو، ليڪن سندس جي باري ۾ مشن آفيس مان سموري خبر چار پئجي ويندي هئي. ان کانپوءِ هوُ ڪڏهن اترڪاشيءَ تہ ڪڏهن بدري ناٿ تہ ڪڏهن ڪيدارناٿ جون ياترائون ڪندو رهيو. هڪ دفعو خبر ملي تہ هو ڪئلاش ۽ مانسروور جي ياترا تي ويل هو. گهڻن ڏينهن کانپوءِ سماچار مليو تہ پنهنجي گروءَ کان ديکشا وٺي هوُ سوامي شرڌانند بڻجي ويو هو ۽ هاڻي هڪ شهر کان ٻي شهر جو رٿن ڪندي لوڪ ڪلياڻ واسطي ويدانت جو پرچار ڪندو هو.

ان ڳالهہ کي ڏهہ سال گذري ويا. ان وچ ۾ گنگا خبر ناهي ڪيترو پاڻي گنگاساگر جي حوالي ڪري چڪي هوندي! گايتريءَ ۾ پلي ئي هاڻي اڳہ واري ويدنا ڪونہ هئي، پر تڏهن بہ اُديہ جي ياد ايندي ئي سندس نيڻ نير سان تر ٿي ويندا هئا ۽ اڪيلائيءَ کان نجات پائڻ واسطي هوءَ هڪدم نمرتا کي پاڻ وٽ گهرائي وٺندي هئي يا ڪڏهن هوءَ خود ئي نمرتا وٽ هلي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن نمرتا بنان ٻڌائي اچي اسان جي گهر پهتي. ڪنهن الوڪڪ خوشيءَ جي احساس کان سندس چهرو ٻهڪي رهيو هو. اسان جڏهن ڪائنس پڇيو تہ آخر اهڙي ڪهڙي ڳالهہ هئي جو هوءَ هرڻيءَ جيان پئي نچي تہ هن هڪ اهڙي خوش خبري ٻڌائي جو اسين بہ سائس نچڻ لڳاسين. هن ٻڌايو تہ اسانجو اُديہ اسان جي شهر ۾ اچڻ وارو هو ۽ جهٽ ان ڏينهن جي اخبار منهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏي، جنهن جي پهرين ئي پيج تي اِها

هوءَ اڏير ٻڌجي اُديہ جي اچڻ جو بي صبر تي انتظار ڪرڻ لڳي.

نيٺ اُهو وقت بہ اچي ويو جڏهن مائيڪ تي سوچنا ڏني ويئي ۽ ان سان گڏ سوامي شرڌانند يعنيٰ اسانجو اُديہ، هال جي مکيہ دروازي مان لنگهي آهستي آهستي پنهنجي آسڻ طرف وڌڻ لڳو. اُديہ هاڻي ڊگهي قد وارو نوجوان پرش ٿي چڪو هو، جنهن جي ڪلهن تي ڪارا ڪارا گهنگهرالو وار لٽڪي رهيا هئا. منهن ڏاڙهي ۽ مڇن سان پرجي پيو هوس. شرير گيڙو چادر سان ڍڪيل هوس ۽ نراڙ تي چندن جو گهاٽو ليپ چمڪي رهيو هوس. ڇاتيءَ تي ردراڪش جي مالا ناچ ڪري رهي هئي ۽ ڪڇ ۾ ٻانڌي وستر ۾ ويڙهيل ڪوئي پستڪ هوس. هي وچتر انسان گايتريءَ جو اُديہ هو، گايتريءَ کي جڻ وشواس ئي نہ ٿي آيو. هو جڏهن اسان جي اڳيان لنگهي ويو تہ گايتريءَ ڏانهس گهوُر ڪري نهاريندي رهي ۽ تعجب مان چيو، ”ڪيڏو نہ ٻري ويو آهي!“ ماءُ جو پهريون ڌيان شايد پٽ جي شرير ڏانهن ئي ويندو آهي. هوُ پنهنجي موَج مستيءَ ۾ هو ۽ بنان هيڏانهن يا هوڏانهن نهارڻ جي پنهنجي آسڻ تي وڃي وينو ۽ انڪري شايد اسان کي بہ نہ ڏسي سگهيو هوندو.

پروگرام جي شروعات سوامي جيءَ جي پريچيہ سان ڪرائي وئي. پريچيہ ڏيڻ واري ٻڌايو تہ سوامي شرڌانند ائين تہ رشي ڪيش مان آيو هو، ليڪن سنياس وٺڻ کان اڳہ هوُ هن شهر جوئي رهاڪو هو. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ هن شهر جا رهواسي ڪيڏو نہ ڀاڳوان هئا جو اسانجي شهر جي ئي هڪ بالڪ اڄ ايڏي وڏي پدوي حاصل ڪئي هئي ۽ جنهن جو جتي ڪٿي جئہ جئہ ڪار ٿي رهيو هو. هن ٻڌايو تہ سواميءَ سيني شاسترن

اڄ اُديہ جي اچڻ جي خبر ٻڌي گايتريءَ ۾ ماتا جو موهہ پکي
ٻڻجي ستين آسمان تي اُڏامڻ لڳو هو!
اُها رات گايتريءَ ڪيئن گذاري هوندي، سو تہ مان چئي
نٿو سگهان، مون کي لڳو ننڊ ٻنهہ ئي ڪونہ ڪئي هوندائين،
ڇو تہ گهڙيءَ گهڙيءَ پاسا بدلائي هوءَ منهنجي بہ ننڊ ڦٽائي
رهي هئي. جيئن ڪو سڪل درياهہ اچانڪ پاري برسات پوڻ
سبب ڇوليون ماريندو آهي، گايتريءَ جي من ۾ بہ ساڳئيءَ
طرح خوشيءَ جون اڪيچار ڇوليون اُٿي رهيون هيون جن ۾
گذريل سمي جون انيڪ يادگيريون اُٿلي پيون هونديون!
ٻي ڏينهن لاءِ اڳواٽ رٿيل پروگرام موجب، نمرتا شام
کان اڳہ ئي اچي اسان جي گهر پهتي. لڳو ٿي اسان وانگر نمرتا
بہ اُديہ کي ڏسڻ واسطي اوترو ئي بيقرار هئي. اسين ٽيئي ڄڻا
جلد جلد تيار ٿي سويل ئي اچي مشن جي هال ۾ پهتاسين جتي
اُديہ اچڻو هو ۽ سندس پروچن ٿيڻو هو. سويل اچڻ جو پريوجن اهو
هو جيئن ويهڻ لاءِ اڳہ واريون سيٽون ملي سگهن، جتان اُديہ جو
سڌو ۽ چٽو درشن ڪري سگهجي.
اُديہ جي اچڻ ۾ اڃان بہ ڪافي ٽائيم هو ۽ هي انتظار جو
وقت گايتريءَ لاءِ بيحد ڍيمي چال سان گذرڻ لڳو. سندس من ۾
آنڌمانڌ وڌڻ لڳي ۽ تنهن سان گڏ ڪيترائي سوال سندس من ۾
اُٿي ڪيس پريشان ڪري رهيا هئا. رکي رکي مون کان پڇيائين
ٿي تہ اُديہ هاڻي ڪيئن هوندو؟ ڀلا مون کي سڃاڻي سگهندو
يا نہ؟ مان سندس پيشانيءَ تي چميون ڏيئي پنهنجي دل
جي سڪ لاهي سگهندس يا نہ؟ اسان جي گهر بکشا وٺڻ لاءِ ايندو
يا نہ؟ مان چپ چاپ سندس سوال ٻڌي رهيو هوس، ليڪن اهڙو
ڪوبہ جواب نہ ڏيئي سگهيس، جنهن مان کيس خاطري ٿئي.

تي بلڪل سليس ۽ سؤلي نموني ۾ سمجهائڻ سوامي جيءَ جي ودوانپڻي جو سهڻو ثبوت هو، جنهن مان اِهو اندازو لڳائڻ مشڪل نہ هو تہ سوامي جيءَ جو گيان ڪيترو نہ گهرو ۽ وشال هو! هو جو پڙهائيندو تي ويو سو ٻڌندڙن جي دلين تي چڻ اُڪرجندو تي ويو. گايتريءَ بہ پوءِ گهر اچي ٻڌايو تہ سواميجيءَ جو پروچن ٻڌندي هن ائين تي محسوس ڪيو گويا گنگا جو شيتل جل سندس هردي مٿان اوتجي رهيو هو ۽ سندس موهہ ۽ اگيان جون ڳنڍيون هڪ هڪ تي ڪلنديون تي ويون.

سواميجيءَ جي پروچن جو تاتپرج ڪجهہ هن طرح هو: رواجي طرح جڏهن اسين ”مان“ چوندا آهيون، تڏهن اسانجو سمورو ڌيان پنهنجي شرير ڏانهن ئي هليو ويندو آهي ۽ شرير کي ئي اسين ”مان“ سمجهندا آهيون. پر جڏهن اسين چوندا آهيون تہ ”منهنجو“ شرير آهي، تڏهن سوال اُٿندو آهي تہ هي ڪنهنجو شرير؟ اُهو ڪير آهي جو هن شرير کي پنهنجو چئي رهيو آهي؟ اسين جڏهن چوندا آهيون تہ هي گهر منهنجو آهي، تڏهن گَهرُ ۽ گَهرَ جو مالڪ جدا،جدا هوندا آهن. مالڪ گَهرُ نہ تي سگهندو. ساڳيءَ طرح هي شرير ”منهنجو“ چوڻ ۾ شرير ۽ مان جدا جدا آهيون. ”مان“ شرير نہ تو تي سگهي ۽ شرير ”مان“ نہ تو تي سگهي. انڪري ويدانت چئي تو تہ هي جو اسين ”مان“ ”مان“ چئي پنهنجي هئڻ جي سنا جو يا اهم جي هستيءَ جو انڀؤ ڪريون تا، اُها هستي ئي تہ آتما آهي ۽ ان هستيءَ کي جڏهن اسين سموري جڳت جي سنبنڌ ۾ ڄاڻون تا تڏهن اسين ان کي ايشور چئي پڪاريون تا.سوامي جيءَ وڌيڪ ٻڌايو تہ ڪيترائي جڳياسوُ اچي پڇندا آهن تہ آتما شرير ۾ ڪٿي آهي؟ دل جي ڏائي پاسي يا دل

جو ايياس ڪري گيان جي پراپتي ڪئي آهي، جنهن ڪري اڌياتمڪ دنيا ۾ هوُ سيني سنتن ۾ سرمور ڪري ڳڻيو ويندو آهي. هن ننڍيءَ عمر ۾ ئي ايڏي پدوي حاصل ڪرڻ ۽ هن مشن سنستا جو سڄو ڪاروبار پنهنجي ڪلهن تي هموار ڪرڻ ڪيڏي نه فخر جي ڳالهه آهي!

ان ڪانپوءِ پريچيه ڏيڻ واري ڪيترائي نيڪ ڪم ٻڌايا جي سنستا جي پاران هرهنڌ ڪيا تي ويا. انهن مان مکيه ڪم هو سناتن ڌرم جو پرچار، جنهن لاءِ سوامي جي شهر شهر وڃي گيان يگيه ڪندو آهي ۽ گيتا جو گيان ڏيندو آهي، جيئن سنساري منشن جي دلين تان اگيان جو پڙدو هٽي وڃي ۽ پنهنجي آتما کي سڃاڻي سگهن.

اُديه جي ايتري ساراهه ٻڌي، گايتري ته ڄڻ ٺري پيئي ۽ فخر کان سندس سِرُ اوچو ٿي ويو. مون منهن وارئي ڏٺو ته سندس چپن تي هلڪي مشڪراهٽ ظاهر هئي.

سوامي شراڌانند جو يش ۽ نالو گهر گهر تائين پهچي چڪو هو، انڪري هرڪنهن سندس درشن ڪرڻ تي چاهيو ۽ سندس پروچن ٻڌڻ تي چاهيو. مشن هال انڪري ڪچا ڪچ ڀرجي چڪوهو ۽ ڪٿي به ڪا خالي سيٽ نظر نه ٿي آئي. سواميجيءَ جي پريچيه ڪرائڻ ڪانپوءِ ڪيس وينتي ڪئي وئي ته هو اڄ جو پروچن شروع ڪن ۽ جيئن ئي مائيڪ سندس آڏو رکيو ويو ته سندس سواگت ڪرڻ لاءِ هال اندر زوردار تاڙين جو ٺهڪو شروع ٿي ويو جو ڪيتري دير تائين جاري رهيو.

سوامي جيءَ جي پروچن جو وشيه هو، ''مان ڪير آهيان؟'' جنهن تي جڏهن هن ڳالهائڻ شروع ڪيو ته سڄي هال ۾ مرتيوءَ واري شانتي ڇانئجي ويئي. اهڙي ڏکيءَ وشيه

ختي تي چڪي آهي جو ويدانت تي ٻه چار پروچن ٻڌڻ سان
ها وڃڻ واري ناهي. ان لاءِ گهرو چنتن گهرجي. اسان جا رشي
ني ٻه ائين تي چون ٿا ته عام ماڻهوءَ جو انيڀ اِهو آهي ته
ان جڳت ۾ آهيان، جڳت جي هڪ حصي ۾ آهيان، ليڪن
جڏهن سچو گيان ٿئي ٿو تڏهن ساڳيو شخص ائين چوندو ته
ون ۾ ئي سڄو جڳت سمايل آهي، ائين جيئن سپني جو جڳت
ون ۾ سمايل آهي.''

سوامي جيءَ جي ڪمنڊل تي عجيب ڪانتي ڇايل هئي.
سندس مک مان هي وچن ائين ٿي نڪتا ڄڻ گئومک مان گنگا
جو جل سنسار جي ڪلياڻ ڪرڻ واسطي ڪل ڪل ڪري وهندو
عجي! سڀئي ٻڌندڙ هڪ چتو ٿي سوامي جيءَ جو پروچن ٻڌي
رهيا هئا ۽ هڪ ڪلاڪ جو وقت ڪيئن پورو ٿيو ان جي ڄاڻ
ي ڪونه رهي!

پروچن پوري ٿيڻ کانپوءِ هڪ سوچنا ڏني ويئي. ڇيائون
ئين ته سنياسيءَ لاءِ ڪوبه دنيوي رشتو يا سنبنڌ ڪونه ٿيندو آهي،
چو ته هو دنيا جا سڀ رشتا مِٽائي پوءِ ئي وڃي سنياس وٺندو آهي؛
يڪن هيءَ وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سوامي جن جا ماتا
پتا اڄ اسان سان هن هال ۾ موجود آهن. ڏن آهن اهڙا ماتا پتا
جن اهڙي سنتان کي جنم ڏنو. هي ٻئي تياڳ جي سچي مورت
آهن. جيڪڏهن پنهنجي سوارٿ ۾ اچي سوامي جيءَ کي
سنياس وٺڻ جي آگيا نه ڏين ها ته اڄ اسين هن مهان شڪتيءَ
کي ڪونه ڏسي سگهون ها ۽ لوڪ ڪلياڻ جو ڪاريه جو سوامي
جيءَ جي هٿان ٿي رهيو آهي، تنهن کان هيِ سنسار جيڪر
محروم رهجي وڃي ها! ليڪن هنن ٻنهي پنهنجي سوارٿ
کي پري رکي، ٻڍاپي ۾ به پنهنجي سک دک جو کو خيال نه

جي ساڃي پاسي؟ آتما شرير ۾ اچي ڪيئن ٿي ۽ شرير مان وڃي ڪيئن ٿي؟ مطلب ته اسين آتما کي شرير جي هڪ حصي جيترو ئي سمجهون ٿا. اِهو اسانجو اگيان آهي ته آتما اچي ٿي ۽ وڃي ٿي. آتما هوا وانگر پدارٿ نه آهي جو ڪيڏانهن ايندي ويندي هجي. آتما ته هرهنڌ موجود آهي ۽ وياپڪ آهي.

سوامي جيءَ پوءِ ٻڌايو ته، ”جنهن کي اسين ”مان“ چئون ٿا، اُهائي ته آتما آهي جنهن ۾ هي سمورو جڳت سمايل آهي. توهين چوندا اِهو وري ڪيئن؟ مون ۾ هي سڄو جڳت ڪيئن سمائجي سگهندو؟ اِهو ڄاڻڻ لاءِ توهين ٿوري وقت لاءِ مڃي ڏسو ڇڻ ته ”مان“ جو احساس آهي ئي ڪونه. ڇا ان ”مان“ کانسواءِ هِن جڳت جو انيڀو ٿي سگهندو؟ مطلب ڇا ٿيو؟ ”مان“ آهي ته جڳت به آهي ۽ جيڪڏهن ”مان“ ناهي ته جڳت ۾ ڪونهي. ان لاءِ گهري ننڊ(سشپتيءَ) جو مثال وٺي ڏسو، جنهن ۾ ”مان“ ڪونهي ته جڳت به ڪونهي. ان مان اهوئي سمجهڻ گهرجي ته ”مان“ ئي هن جڳت جو ڪارڻ آهيان ۽ آڌار آهيان! ان ”مان“ ۾ ئي ديش جو ڦهلاو پاسجي ٿو، سميه(ڪال) پاسجي ٿو ۽ جڳت جون جدا جدا شيون پاسجن ٿيون.“

ڪوئي سوال اُٿاري سگهي ٿو ته مان جڳت جو آڌار ڪيئن ٿي سگهندس؟ مان ته خود هن جڳت ۾ جڳت جو هڪ حصو آهيان، ڪيترا ائين به چوندا آهن ته ويدانت جي هيءَ گهوشنا ته مان ئي جڳت جو ڪارڻ ۽ آڌار آهيان، اسان جي روزمره جي انيڀو جي بلڪل ئي ابتڙ آهي ڇو ته اسان کي اهڙي قسم جو انيڀو ته ڪڏهن ٿئي ئي ڪونه ٿو. ان لاءِ سواميءَ ايترو ئي چيو ته، ”اسان جي اگيان جي ڌارڻا ايڏو ته پڪي ۽

سان اسان ٻنهي جي ستڪار ڪيو ويو ۽ سوامي جيءَ کي پرارٿنا
ڪئي ويئي تہ اسان ٻنهي کي دشالا پهرائي سماج طرفان اسانجو
ڏنيواد ڪري.

اُها گهڙي گايتريءَ جي پريکشا جي هئي. سالن کان
وچايل پٽ جيڪڏهن هيئن اوچتو ملي وڃي ها تہ موهہ کان
بيوس ٿي گايتري کيس ڀاڪرن ۾ ڀري چڏي ها ۽ کيس چميون
ڏيئي پنهنجا ارمان پورا ڪري ها. ليڪن اڄ هزارن ماڻهن
جي سامهون گايتريءَ پنهنجي موهہ کي بي قابو نہ ٿيڻ ڏنو.
سوامي جي اُٿي اچي ٻنهي کي پيرين پيو ۽ نمسڪار ڪيو ۽
پوءِ هڪ هڪ دشالو اسان جي ڪلهن تي وجهي اسان جو سنمان
۽ ستڪار ڪيو. مائيڪ کي پنهنجي هٿ ۾ ڪندي هن چيو،
”هن سنسار ۾ منش ديهہ جو حاصل ٿيڻ وڏي ئي سؤڀاڳہ جي
نشاني آهي ڇو تہ منش جو چولو ملڻ ايترو سؤلو نہ آهي. پر
ان کان بہ وڏو سؤڀاڳہ ان جو ليکجڻ ۾ ايندو جنهن جو جنم
ڪنهن ودوان پرش جي گهر ۾ ٿيندو آهي، جتان کيس سنا
سنسڪار ملي سگهندا آهن. مان بہ انهيءَ لحاظ کان سؤڀاڳي
آهيان جو مونکي هنن جهڙا ماتا پتا مليا، جن مونکي سنا
سنسڪار ڏيئي پاليو نپايو. اڄ مان جو ڪجهہ بہ آهيان پنهنجي
ماتا پتا جي ڪري آهيان. مان نٿو سمجهان تہ مان انهن جو
قرض ستن جنمن ۾ لاهي سگهندس. انڪري مان هٿ ٻڌي کين
وينتي ٿو ڪريان تہ هو مونکي معاف ڪن ۽ مونکي قرض کان
مڪت ڪن.“

چوڌاري خوشيءَ جو تاڙيون وڄڻ لڳيون جنهن جي شور
۾ گايتريءَ جو باقي بہ موهہ ڳري پاڻي ٿي ويو. اڄ پهريون
دفعو کيس پاڻ تي فخر ٿيڻ لڳو تہ هوءَ سوامي جيءَ جي ماتا

ڪري، صرف لوڪ ڪلياڻ واسطي پنهنجي هڪ ئي سڪيلڏي پٽ کي سنياس وٺڻ جي آگيا ڏني. تنهن لاءِ اسين ء هي سڄو سنسار سندن ٿورا مڃي ٿو ۽ ايندڙ سميه ۾ به هي سڄو سنسار سندن ٿورا مڃيندو رهندو. سندن تياڳ ۽ قرباني بلڪل لاثاني آهن. اسين سندن ٿورا لاهي ته ڪونه سگهنداسين، ليڪن سندن تياڳ ۽ قربانيءَ جي جذبي کي ڏسي اسين سندن ستڪار ڪرڻ چاهيون ٿا۽ ڪين وينتي ٿا ڪريون ته هو جتي به وينل هجن، متي آسڻ تي اچڻ جي ڪرپا ڪن.

اِهو سچ آهي ته گايتريءَ اُديه کي هميشه پنهنجي موهه جي تارازيءَ ۾ توريو هو. هڪ ڏينهن هو وڏي هستي بڻجي هزارن ۽ لکن شرڌالن جي سنيهه ۽ پريم جو پاتر بڻبو ۽ ايڏي سنمان جو اڌڪاري بڻجي پوندو، جنهن ڪري سندس ماتا پتا جو به سنمان ٿيندو، اها ڳالهه ته گايتريءَ ڪڏهن سپني ۾ به ڪونه سوچي هوندي! گايتريءَ چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي ته هن پنهنجا سڀ حيلا هلائي اُديه کي روڪڻ ٿي چاهيو ۽ کيس پنهنجي موهه جي ڄار ۾ قاتل رهڻ ٿي چاهيو. مون محسوس ڪيو ته گايتريءَ جي من ۾ گلانيءَ جو ياوُ اُڀري رهيو هو ڇو ته جنهن ڳالهه لاءِ هن جي نقطچيني ٿيڻ کپندي هئي، ان جي اُبتڙ سندس سنمان ٿي رهيو هو ۽ سندس ساراهه جا ڍُڪ ٿي پريا ويا. سندس چهري تي خوشيءَ جي بجاءِ مايوسيءَ جا اهڃاڻ ظاهر ٿي پيا هئا.

گايتري ڪجهه چوي يا ڪري، ان کان اڳ مان اُٿي بينس ۽ گايتريءَ کي پڻ اُٿڻ جو اشارو ڏيئي پنهنجي پوئتان اچڻ لاءِ چيو. هڪ ڪٺ پتليءَ جيان منهنجي پنيان هلڻ لاءِ تيار ٿي ۽ اسين ٻئي متي آسڻ تي چڙهي وياسين. گلن جي مالهائن سان

وٺي آيس. نمرتا سوامي جيءَ جي چرنن ۾ جهڪي زار زار ڳوڙها ڳاڙي ڇڏ تہ سندس چرڻ ڌوئي رهي هئي. هي درشيہ ان وقت ائين ٿي لڳو گويا ديوي اهليا پنهنجي اُڌار ٿيڻ ڪانپوءِ شري رامچندر جي چرنن تي ڪري ڪرپا جي نگاهہ گهرندي هجي!

سوامي جيءَ نمرتا کي ڪلهن کان جهلي مٿي اُٿاريو ۽ ڪاريہ ڪرتائن کان دشالو وٺي ڪيس ارپڻ ڪيو. نمرتا اڃان بہ چپ هئي. جو ڪجهہ ٿي رهيو هو، تنهن تي ڇڏ تہ ڪيس وشواس ئي نہ ٿي آيو. سوامي جيءَ چيو، ”نمرتا، مان ڄاڻان ٿو تہ هي دشالو پيٽ ڪرڻ سان منهنجو قرض لهي ڪونہ ويندو. هي تہ بس تنهنجو آيار مڃڻ جو هڪ وسيلو آهي.“ نمرتا هاڻي پنهنجن ڳوڙهن کي روڪي نہ سگهي جي اکين وٽان بند ٽوڙي پوڙ جيان وهڻ لڳا. سوامي جيءَ وري چيو، ”شايد پلجي ويئي هوندينءَ تہ مون توسان هڪ انجام ڪيو هو جو مونکي اڄ بہ ياد آهي. مون چيو هو تہ جڏهن بہ سنياسي بڻجي تنهنجي شهر ۾ آيس تہ ڀڪشا تنهنجي در تي اچي ڪندس. سو سياڻي منجهند جي ڀڪشا تو وٽ اچي ڪندس. تون انڪار تہ ڪونہ ڪندينءَ؟“

نمرتا پهريون ئي دفعو پنهنجا چپ کوليا، ”اها تہ منهنجي خوشقسمتي آهي جو توهان مون وٽ اچو ۽ مان اوهان کي ڀڪشا ڏيان!“

پروچن پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ۽ اُديہ سان ملڻ ڪانپوءِ اسين نمرتا کي سندس گهر ڇڏيندا پنهنجي گهر موٽي آياسين. رستي تي اسان هڪ ٻئي سان حرف بہ نہ ڳالهائي سگهياسين. ائين ٿي لڳو گويا خوشيءَ جي بيحد احساس سبب اسان ٻنهي جا ڳلا خشڪ ٿي ويا هجن. گهر پهچي گايتريءَ چيو، ”ڪيڏو

هئي! گايتريءَ پوءِ سوامي جيءَ جي چرنن ۾ جهڪي نمسڪار
ڪيو ۽ سوامي جيءَ به ڪيس ڀُراتڙي پائي گڏيو. هن خوشيءَ
جي ماحول ۾ اسانجي جڳهه جڳڪار ٿيڻ لڳي!

اسان ٻئي موٽي پنهنجن ڪرسين تي اچي ويناسين
جو مائيڪ کي هٿ ۾ جهلندي سوامي جيءَ هڪ ٻي سوچنا
ڏني. چيائين، ”هڪ ٻيو شخص پڻ آهي، جنهن جو تياڳ ۽
قرباني به اوترو ئي ساراهڻ جوڳي آهي جيتري ماتا پتا جي.
ان جي تياڳ ۽ قربانيءَ بنان مان شايد اڄ جو سنياسي نه بڻجي
سگهان هان. مان سنستا جي ڪاريه ڪرتائن کي وينتي ڪندس
ته هوُ ان جو به سواگت ڪري سنمان ڪن.“ منهنجا ۽ گايتريءَ
جا ڪن ڪڙا ٿي ويا ته اُهو ڪير ٿو ٿي سگهي؟ اسان کي گهڻو
وقت انومان لڳائڻ جي ضرورت ڪانه پيئي، جو سوامي جيءَ
چيو، ”نمرتا جي نسوارٿ قرباني مان ڪڏهن به ڀلائي نه
سگهندس. نه صرف هن پنهنجي سپنن جو سونهري سنسار
تياڳي ڇڏيو ليڪن مون کي سنياس وٺڻ لاءِ پريرڻا به ڏني.
مان سندس وڏو آڀاري آهيان. نمرتا جتي به هجي متي اسٽيج
تي پهچي وڃي جو اسين سندس سواگت ڪرڻ چاهيون ٿا.“

نمرتا اسان جي پر ۾ ئي ويٺي هئي. سوامي جيءَ جي
سوچنا ٻڌي هوءَ ته شرم کان ڄڻ زمين ۾ پيهجي ويئي. ٻئي
هٿ پنهنجي چهري تي رکي شايد هن پنهنجا آنسون تي لڪائڻ
چاهيا. هن ته ڪڏهن ڪلپنا به نه ڪئي هوندي ته هڪ ڏينهن
کيس اُديه هٿان ايترو سنمان ملندو. مون نمرتا جو هٿ
پڪڙيندي چيو، ”هن خوشيءَ جي موقعي تي جذباتي نه ٻڻج.
سوامي جي توکي سڏي رهيو آهي.“ نمرتا جو ڪو به جواب
ملڻ کان اڳ مون کيس هٿ سان اُٿاري ورتو ۽ کيس آسڻ تائين

نہ انرت تي وچي هان جيڪڏهن مان اُديہ کي موڪل نہ ڏيان هان. خبر ناهي ڪهڙي پڄ جي ڪري پاپ ڪندي مان بچي ويس!'' مون ڏٺو تہ موهہ جا ڪارا بادل گايتريءَ جي من تان هٽجي چڪا هئا ۽ سندس من سورج جي پرڪاش ۾ روشن ۽ شڌ بڻجي چڪو هو. مون چيو، ''گايتري، سڀ ڪجهہ ايشور جي ڪرپا سان ئي ٿئي ٿو. تنهنجي چاهڻ يا منهنجي چاهڻ سان ڪجهہ نٿو ٿئي!''

صبوح جو جڏهن مان مندر مان درشن ڪري موٽي گهر آيس تہ گايتري پنهنجي ننڍڙي پوڄا گهر ۾ ويهي پوڄا ڪري رهي هئي. منهنجي عجب جي حد نہ رهي جڏهن مون ڏٺو تہ مندر ۾ بين ديوتائن جي مورتن جي وچ ۾ اُديہ جو فوٽو پڻ رکيل هو، جنهن کي بہ گلن جي مالها پهرائي سجايو ويو هو، ۽ گايتري هٿ جوڙي من ئي من ۾ پاٺ ڪري رهي هئي. پاٺ پوري ڪري جڏهن مون وٽ آئي تہ سندس چهرو الوڪڪ خوشيءَ جي پرڪاش سان ٻهڪي رهيو هو. مون کيس خوش خبري ڏيندي چيو، ''مان اُديہ وٽان ٽيندو ٽو اچان. اڄ رات جي بکشا هو اسان جي گهر اچي ڪندو.'' گايتريءَ منهنجي منهن تي هٿ رکي چيو، ''اُديہ نہ چوءُ، پر سوامي جي چوءُ. هوُ هاڻي سيني جو سوامي جي آهي. اڄ مان پنهنجي سوامي جيءَ لاءِ طرحين طرحين ڀوڄن تيار ڪري پنهنجن هٿن سان کيس کارائيندس.''

مون مشڪي ڏٺو. مون ڏٺو تہ گايتريءَ جو پٽ وارو موهہ هاڻي سوامي جيءَ جو موهہ بڻجي چڪو هو!

❀ ❀ ❀

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ء سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Notan Tolani

SOLAR

SOLAR TIME LTD.



P. O. Box : 95280 TST
15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd. T.S.T., Kowloon, Hong Kong.
Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009
E-mail : solar@solartimeltd.com


At 60.
when you realize
there is only one thing permanent – change!
manghnani
elders home
LONAVALA
55 rooms | automatic lifts | generator | veg & non-veg meals | community centre | library
indoor games hall | fitness centre | yoga & meditation hall | walking track | garden
MANGHNANI ELDERS HOME
ehind Valvan Village Resort, Lonavala 410 403 (Maharashtra) Tel.: 02114-274831/ 32/ 33/ 34 E-mail: manghnani123@yahoo.com
a community project by
MANGHNANI CHARITABLE TRUST (umbai)

Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post-Pre payment Licence No. 9-11

SINDHI TIMES

(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372 / 62



ليکڪ جي باري ۾

نالو : گوپ گولاڻي

جنم جي تاريخ : 12 مارچ 1935

جنم استان : ڳوٺ : بنگلديرو
ضلع لاڙڪاڻو (سنڌ)

تعليم : بي.اي. ايل.ايل.بي

نوڪري : جنرل مئنيجر (رٽائر 1995)
پنجاب نئشنل بئنڪ، نيو دهلي

ساهتڪ يوگدان : ننڍيون ڪهاڻيون ۽ غزل لکڻ جي وقت به
وقت مخزنن ۾ ڇپجندا آهن

پتو : پلاٽ نمبر: FH 202، سڪيم نمبر 54،
وجيہ نگر، اندور (ايم.پي.) 452010

فون : 0731-2556620

موبائيل : 093290 20556

SANYASI (Novel) By: Gope Golani

SINDHI TIMES PUBLICATION
(Quarterly Book Series No. 1-2 Jan-Feb-Mar-Apr-May-June 2011)